روزاني
سنڌيار
ايڊيٽر: اعجاز مهر
سکر
Daily SINDHYAR Sukkur
www.dailysindhyar.com
(جلد 02) ڇنڇر 10 جون 2023ع بمطابق 20 ذوالقعد 1444ھ (قيمت 05 روپيا) شمارو 16

آءِ ايم ايف معاهدي ۾ ڪا رنڊڪ ناهي، سياسي استحڪام بنا ترقي نٿي ٿي سگهي: وزيراعظم

ٻوڏ معيشت کي وڏو نقصان پهچايو، 30 ارب ڊالرن جو معاشي نقصان ٿيو، اسان ٻيهر آءِ ايم ايف سان گڏ مشوري ويٺا آهيون : شهباز شريف

ٻوڏ سبب معيشت کي تمام گهڻو نقصان پهتو، 30 ارب ڊالرن جو معاشي نقصان ٿيو

عالمي ڪساد بازاري سبب پاڪستان کي اربين ڊالرن جي وڌيڪ رقم سامان جي مد ۾ ادا ڪرڻي پئي

اسان ٻيهر آءِ ايم ايف سان گڏ ويٺا آهيون، انهن جون شرطون قبول ڪيون ويون آهن ۽ ان تي مڪمل عمل ڪيو ويو آهي

اهڙو ڪجهه به ناهي بچيو جيڪو آءِ ايم ايف معاهدي ۾ رڪاوٽ بڻجي، اميد آهي ته آءِ ايم ايف معاهدي جي منظوري ڏني ويندي

عام ماڻهو تي مهانگائي جو بار آهي، مهانگائي هر طرف آهي، ملڪ جي ناقص حڪومت معيشت کي تباهه ڪري ڇڏيو

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) [illegible] ڪابينا اجلاس / بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 02

جسٽس فائز عيسيٰ جو چيف جسٽس طور مقرري جو نوٽيفڪيشن جلد جاري ڪرڻ جو فيصلو

اسلام آباد (م ڊ) [illegible] / بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 01

ڪابينه سرڪاري ملازمن جي پگهارن ۾ 35 سيڪڙو تائين ايڊهاڪ واڌ جي منظوري ڏئي ڇڏي

وفاقي بجيٽ: ترقياتي رٿائن لاءِ 11 کرب، دفاعي بجيٽ 15 کرب مان وڌائي 18 کرب 4 ارب رپيا مختص

پاڻي جي شعبي لاءِ هڪ سؤ ارب روپيا مخصوص ڪرڻ جي تجويز ڏني وئي، توانائي جي شعبي لاءِ 89 ارب روپيا رکڻ جي سفارش ڪئي وئي

ڪي پي ۾ ضم ٿيل علائقن لاءِ 57 ارب، آزاد ڪشمير لاءِ 32.5 ۽ گلگت بلتستان لاءِ 28.5 ارب روپيا رکڻ جي سفارش ڪئي وئي : اسحاق ڊار

سرڪاري ملازمن جي پينشن ۾ واڌ ڪئي پئي وڃي، سرڪاري ملازمن جي گهٽ ۾ گهٽ پينشن 10 هزار مان وڌائي 12 هزار ڪئي پئي وڃي

وڌيڪ آمدني وارن 15 ڪاروبارن تي لاڳو 10 سيڪڙو سپر ٽيڪس جي شرح ۾ مرحليوار واڌ جي تجويز ڏني وئي آهي

ايف بي آر تحت ٽيڪس اوڳاڙي جو ٽارگيٽ 92 هزار ارب روپيا لاڳو ڪيو ويو، ٽيڪس اوڳاڙي ۾ صوبن جو حصو 5 هزار 276 ارب روپيا هوندو

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) نئين مالي سال جي 14 هزار 460 ارب روپين جي بجيٽ قومي اسيمبلي ۾ پيش ڪئي وئي [illegible] / بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 05

پاڪستان جو دشمن ۽ عالمي دهشتگرد ثناءُالله غفاري مارجي ويو

دهشتگرد ثناءُالله ۽ سندس گهر ڀاتي پارٽ ڪان لڏي افغانستان آيا هئا، سندس واسطو افغانستان جي شهر ڪابل سان هو

دهشتگرد ثناءُالله غفاري ايران، ازبڪستان، تاجڪستان، پاڪستان ۽ افغانستان ۾ مختلف حملن ۾ شريڪ رهيو

ڊسمبر 2021ع ۾ گڏيل قومن، آمريڪا ۽ يورپي يونين ڪيس عالمي دهشتگرد قرار ڏنو هو

ڪراچي (م ڊ) پاڪستان جو دشمن ۽ عالمي دهشتگرد ثناءُالله غفاري عرف شهاب المهاجر افغانستان / بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 03

اسلام آباد: وزيراعظم شهباز شريف وفاقي ڪابينا جي اجلاس دوران ڳالهائي رهيو آهي

بجيٽ ۾ صحافين ۽ فنڪارن لاءِ هيلٿ انشورنس ڪارڊ لاءِ پئسا رکيا ويا

اسلام آباد (م ڊ) نائي واري وزير چيو ته صحافين ۽ فنڪارن لاءِ هيلٿ انشورنس ڪارڊ جاري / بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 04

پي ٽي آءِ اڳواڻ علي محمد آزاد ٿيڻ بعد نئين ڪيس ۾ گرفتار

علي محمد خان جو نالو به اينٽي ڪرپشن پوليس ڪيس ۾ شامل آهي: پوليس

عدالت مان نڪرڻ بعد پوليس ڪيس وجهڻ جي اجازت نه ڏني رهي آهي: علي محمد خان

عدالت مان نڪرڻ بعد پوليس ڪيس وجهڻ جي اجازت نه ڏني رهي آهي

پشاور (مانيٽرنگ ڊيسڪ) دهشتگردي ڪورٽ عدالت پي ٽي آءِ اڳواڻ علي محمد خان کي آزاد ڪرڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو جنهن بعد ڪيس هڪ [illegible] / بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 06

اسلام آباد: نائي وارو وفاقي وزير اسحاق ڊار نئين مالي سال جي بجيٽ پيش ڪري رهيو آهي

پاناما ڪيس: جاچ ادارن جي موجودگي ۾ سپريم ڪورٽ جاچ ڪيئن ڪرائي سگهي ٿي؟ جسٽس سردار طارق

آف شور ڪمپني ناهڻ ڪو ڏوهه نه آهي، ڏسڻو اهو آهي ته اها ڪمپني ڪيئن ٺاهي وئي

پاناما ڪيس ۾ 436 پاڪستانين خلاف جاچ لاءِ جڊيشل ڪميشن جوڙڻ جي استدعا ڪئي وئي آهي : وڪيل جماعت اسلامي

توهان کي 7 سالن ڪانپوءِ ياد آيو آهي ته هي عوامي مفاد جو معاملو آهي، ان وقت ڇا رڳو هڪ ئي خاندان جي خلاف پاناما ڪيس هلڻ هو؟

اسلام آباد (رپورٽر) سپريم ڪورٽ جي جسٽس سردار طارق چيو آهي ته جاچ ادارن جي موجودگي ۾ سپريم ڪورٽ پاناما ڪيس جي جاچ ڪيئن ٿي ڪرائي سگهي؟ آف شور ڪمپني ناهڻ ڪو ڏوهه نه آهي، ڏسڻو اهو آهي ته اها ڪمپني ناهي ڪيئن / بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 07

اسلام آباد: وفاقي وزير سينيٽر اعظم تارڙ جي صدارت هيٺ قانون بابت اجلاس ٿي رهيو آهي

مُلڪي ترقي لاءِ تعليمي نظام کي جديد بڻائڻو پوندو : احسن اقبال

ڊيجيٽلائيزيشن سبب هر شعبي ۾ تيزي سان تبديليون رونما ٿي رهيون آهن، ترقي لاءِ تعليمي نظام کي جديد بڻائڻو پوندو

ڊيجيٽلائيزيشن سبب هر شعبي ۾ تيزي سان تبديليون رونما ٿي رهيون آهن، ترقي لاءِ تعليمي نظام کي جديد بڻائڻو پوندو

هر ٻار کي پنهنجي صلاحيتن جو اظهار ڪرڻ لاءِ هڪ جهڙا موقعا فراهم ڪرڻ گهرجن

اسلام آباد (م ڊ) وفاقي وزير احسن اقبال چيو آهي ته ڊيجيٽلائيزيشن زندگي جي هر شعبي تي اثرانداز ٿي رهي آهي، ڊيجيٽلائيزيشن سبب هر شعبي ۾ تيزي سان تبديليون رونما ٿي رهيون آهن، ترقي لاءِ تعليمي نظام کي جديد بڻائڻو پوندو، اسلام / بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 09

وفاقي وزير احسن اقبال (فائيل فوٽو)

9 مئي سانحو: پرڏيهين تائين جاچ جو دائرو وڌائڻ جو فيصلو

رياست مخالف سرگرمين ۾ ملوث 500 کان وڌيڪ اوورسيز پاڪستانين جي نشاندهي ڪئي وئي آهي : ذريعا

سفري تاريخ، مالياتي ٽرانزيڪشن، اميگريشن اسٽيٽس ۽ ٻين لاڳاپيل ڊيٽا جو تجزيو ڪيو ويو آهي

جوابدارن جي بازيابي لاءِ رابطو ڪيو ويندو ۽ جوابدارن خلاف ڪارروائي ڪئي ويندي

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) پاڪستان حڪومت 9 مئي سانحي جي جاچ جو دائرو پرديسي پاڪستانين تائين وڌائڻ جو فيصلو ڪيو آهي / بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08

نئين پارٽي: فواد چوڌري تقريب ۾ پوئين سيٽ تي ڪنڌ جهڪائي ويٺل

پريس ڪانفرنس دوران فواد چوڌري کي مرڪزي اسٽيج تي سيٽ الاٽ ڪئي وئي

فواد چوڌري ڪجهه دير هال ۾ پٺئين سيٽ تي مٿو جهڪائي ويٺو رهيو

لاهور (م ڊ) لاهور ۾ استحڪام پاڪستان پارٽي (آءِ پي پي) جي قيام جي اعلان تي اڳوڻي پي ٽي آءِ اڳواڻ فواد چوڌري مرڪزي اسٽيج تي نه ويٺو پريس ڪانفرنس دوران فواد چوڌري کي مرڪزي اسٽيج تي سيٽ الاٽ ڪئي وئي، فواد چوڌري / بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 10

بجيٽ ۾ سرڪاري ملازمن لاءِ خوشخبري آهي: مريم اورنگزيب

گذريل 4 سال هڪ بدحالي جو سفر هو، اهو سفر ڪم ۽ ترقي ۾ تبديل ٿي ويو

هڪ فتني ملڪي معيشت تي حملي جي ڪوشش ڪئي، هاڻ سڌي دڳ تي هلي رهيا آهيون

اسلام آباد (م ڊ) سڄ سماء بابت وفاقي وزير مريم اورنگزيب چيو آهي ته وفاقي بجيٽ ۾ سرڪاري ملازمن لاءِ خوشخبري آهي، اسلام آباد ۾ / بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 11

اسلام آباد: وفاقي وزير شازيه مري اير اُيو صحيح واري تقريب ۾ بيٺل آهي

حريم شاهه چوهاڻ کي ڌمڪي بعد وڊيو جاري ڪندي گهٽڻ کي چرڪائي وڌو

اسلام آباد (م ڊ) ٽڪراري ٽڪ ٽاڪ اسٽار ۽ سياستدانن کي بي نقاب ڪرڻ جي حوالي سان مشهور / بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 12

زهريٰ کي زيادتي بعد گهٽا ڏئي قتل ڪيو، هڪ ٻيو ساٿي به شامل آهي: جوابدار جو اعتراف

زهريٰ سان دوستي هئي، هن کي ويران هنڌ تي وٺي وڃي جنسي حوس جو نشانو بڻايو : جوابدار

محمد بروهي ڪڌي حرڪت ڪندي ڏسي ورتو ۽ هن به نينگري سان زيادتي ڪئي جنهن بعد نينگري کي گهٽا ڏئي قتل ڪري ڇڏيو

مان ۽ زهريٰ هڪٻئي کي پسند ڪندا هياسين ۽ شادي به ڪرڻ ٿي چاهي پر هي واقعو پيش اچي ويو

شهدادپور (رپورٽر) شهدادپور پرسان گلشن مهر ڪالوني ۾ هفتو اڳ جنسي زيادتي بعد بيدردي سان قتل ڪيل نينگري زهريٰ ڪنير ڪيس ۾ گرفتار جوابدار ڏوهه جو اعتراف ڪندي ٻڌايو آهي ته واقعي ۾ هڪ ٻيو به ساٿي شامل آهي جوابدار / بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15

دفاع مضبوط هٿن ۾ آهي، عوام سڪون سان سمهي: خواجا آصف

ملڪ جي دفاع کي دفاعي بجيٽ مان نه ڏنو وڃي، هن دفاعي بجيٽ تي ڌيان ڏنو آهي

معاشي هدف حاصل نه ڪرڻ جو مطلب حڪومت جي ناڪامي ناهي

سيٽ ايڊجسٽمينٽ سنڌن ٿي ٿي سگهي ٿي، بچاءَ واري وزير چيو ته عام چونڊون وقت تي ٿينديون

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) بچاءَ واري وزير خواجا آصف چيو آهي ته دفاع مضبوط هٿن ۾ آهي، ماڻهو آرام سان سمهن. اسلام آباد ۾ ميڊيا سان ڳالهائيندي خواجا آصف چيو ته ملڪ جي دفاع کي دفاعي بجيٽ مان نه ڏنو وڃي. هن دفاعي بجيٽ / بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 13

سعودي عرب سيڙپڪارن جي سهولت لاءِ آن لائين ويزا جاري ڪري ڇڏي

انويسٽر وزٽر ويزا سعودي پرڏيهي وزارت جي نيشنل ويزا پورٽل جي ذريعي جاري ڪرائي سگهبي

پرڏيهي آفيس جي گڏيل نيشنل ويزا پورٽل تي آن لائين درخواست ڏيڻي پوندي

رياض (م ڊ) سعودي جي پرڏيهي وزارت سيڙپڪاري وزارت جي سهڪار سان نئين ويزا متعارف ڪرائي ڇڏي جيڪا "مستثمر زائر" (انويسٽر وزٽر) / بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14

جنيوا: پاڪستاني وفد وفاقي وزير ساجد حسين توري جي اڳواڻي ۾ گڏجاڻي ۾ شريڪ آهي

صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ پاران آرڪيالوجي کاتي جي نمائش جو دورو

شرجيل انعام ميمڻ آرڪائيوز ۾ رکيل قديم ڪتابن، اخبارن ۽ رسالن جو جائزو ورتو

بهترين نمائش تي وڏي وزير جي آرڪيالوجي بابت خاص مددگار طارق حسن کي مبارڪون ڏنيون

سنڌ حڪومت جي ڪوشش هوندي ته نصاب ۾ آرڪيالوجي جو مضمون شامل ڪيو وڃي: شرجيل ميمڻ

ڪراچي (رپورٽر) اطلاعات، ٽرانسپورٽ ۽ ماس ٽرانزٽ واري وزير شرجيل انعام ميمڻ آرڪائيوز ڪامپليڪس ڪلفٽن ڪراچي ۾ جاري آرڪيالوجي کاتي جي نمائش جو دورو ڪيو. ان موقعي تي شرجيل انعام ميمڻ آرڪائيوز / بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16

جوهري پروگرام کي هٿي ڏئي رهيا آهيون، سعودي عرب جو اعلان

ڪجهه ٻيا ملڪ ٻولي لڳائي رهيا آهن ۽ ظاهر آهي : سعودي جي پرڏيهي وزير شهزادو فيصل بن فرحان

اسان جي بهترين ٽيڪنالوجي سان گڏ پنهنجو پروگرام واضح ڪرڻ چاهيون ٿا ان لاءِ هڪ خاص معاهدي جي ضرورت هوندي

آمريڪا سان ڪجهه معاملن تي اسان جا اختلاف آهن، اهڙو طريقيڪار ڳولڻ تي ڪم ڪري رهيا آهيون

رياض (م ڊ) سعودي عرب اعلان ڪيو آهي ته هو پنهنجي سويلين جوهري پروگرام کي هٿي ڏئي رهيو آهي ۽ ان پروگرام لاءِ آمريڪا کي ٻولي لڳائيندڙن ۾ شامل ڪرڻ کي ترجيح ڏني ٿو سعودي جي پرڏيهي وزير شهزادي فيصل بن فرحان / بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 17

نينگري سوهانا شرما کي سيف هائوس منتقل ڪرڻ جو حڪم

قاضي احمد (رپورٽر) قاضي احمد جي عدالت پوليس پاران بازياب ڪرايل نينگري سوهانا شرما کي سيف هائوس منتقل ڪرڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو نينگري جي عمر جو تعين ڪرڻ لاءِ نادرا مان تصديق ڪرائڻ ۽ 12 جون تي ڪيس ٻيهر پيش ڪرڻ جو حڪم ڪر ڏنو ويو عدالت ڊپريشن جو / بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 20

ڪراچي: سڄ سماءَ وارو صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ آرڪائيوز ۾ رکيل قديم ڪتابن، اخبارن ۽ رسالن جو جائزو وٺي رهيو آهي

حڪومت جو بجيٽ سان گڏ اهم قانون به آڻڻ جو فيصلو

ڊالر ۽ ٻي ڪرنسي جي ذخيري اندوزي تي سزا ڏيڻ لاءِ قانون سازي جو فيصلو ڪيو ويو

پرڏيهي ڪرنسي جي ذخيري اندوزي تي قيد ۽ ڏنڊ جي سزا لاءِ قانون سازي ٿيندي

اسلام آباد (م ڊ) حڪومت ايندڙ مالي سال جي بجيٽ سان گڏ اهم قانون متعارف ڪرائڻ جو به فيصلو ڪيو آهي. ذريعن موجب ڊالر ۽ ٻي ڪرنسي / بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 18

ڪراچي: سنڌ جي گورنر ڪامران خان ٽيسوري سان آڊيٽر جنرل آف پاڪستان محمد اجمل گوندل ملاقات ڪندي

بجيٽ، ٽيڪس ريٽرنز جمع نه ڪرائيندڙن خلاف سخت تجويزون سامهون اچي ويون

اسلام آباد (م ڊ) ايندڙ مالي سال جي بجيٽ ۾ ٽيڪس ريٽرنز فائل نه ڪندڙن خلاف سخت تجويزون ڏنيون ويون آهن. ذريعن موجب ٽيڪس ريٽرن دير سان فائل ڪرڻ تي ڏنڊ لڳائڻ جي سفارش ڪئي وئي آهي، جنهن ۾ سيڪشن 165 تحت ود هولڊنگ اسٽيٽمينٽ فائل نه ڪرڻ تي به هزار رپيا ڏنڊ جي تجويز ڪئي وئي آهي / بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 19

ٽنڊوڄام ۾ ڪارنهن الزام هيٺ نوجوان ۽ ناري قتل، جوابدار پوليس وٽ پيش

ڦاٽڪ واري علائقي ۾ جوابدار طرفان ڪارنهن الزام هيٺ نوجوان قيوم ويسر ۽ ناري کي قتل ڪيو ويو

جوابدار آصف ڪوسو نوجوان ۽ ناري کي قتل ڪرڻ بعد پسٽل سوڌو پوليس وٽ پيش ٿي ويو

ٽنڊوڄام (رپورٽر) ٽنڊو ڄام ۾ ڪارنهن الزام هيٺ ٻٽو قتل ڪيو ويو. لاش حيدرآباد منتقل ڪيا ويا ڦاٽڪ واري علائقي ۾ جوابدار طرفان ڪارنهن الزام هيٺ نوجوان قيوم ويسر ۽ ناري کي قتل ڪيو ويو ذريعن موجب جوابدار آصف ڪوسو / بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 21

اڳوڻي آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ تي پهرين پيرو فرد جرم لاڳو

ڊونلڊ ٽرمپ اڱاري تي ميامي جي وفاقي عدالت ۾ پيش ٿيندو

مون کي فرد جرم بابت آگاهه ڪيو ويو آهي : ڊونلڊ ٽرمپ

اڳوڻو آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ

واشنگٽن (م ڊ) اڳوڻي آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ تي پهرين پيرو فرد جرم لاڳو ڪيو ويو پرڏيهي ميڊيا رپورٽن موجب ڊونلڊ ٽرمپ تي نئين فرد جرم جو مدو ختم ٿيڻ ڪانپوءِ ڳجهن دستاويزن بابت مبينا لاپرواهي تي لاڳو ڪيو ويو آهي. رپورٽن ۾ ٻڌايو ويو آهي ته ڊونلڊ ٽرمپ اڱاري تي ميامي جي وفاقي عدالت ۾ پيش ٿيندو. اڳوڻي صدر ڊونلڊ ٽرمپ جو چوڻ هو ته مون کي فرد جرم بابت آگاهه ڪيو ويو آهي. ڪيس افواهن تي ٻڌل آهي، آئون بي ڏوهه آهيان. واضح رهي ته / بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 22

ميئر جي چونڊ، سمورن نمائندن جي شرڪت يقيني ڪرڻ جو حڪم

عدالت ۾ يوسي چيئرمين کي ميئر جي چونڊ ۾ ووٽ وجهڻ کان روڪڻ خلاف درخواست تي ٻڌڻي ٿي

پوليس ۽ سنڌ حڪومت گرفتار ٿيل 4 يوسي چيئرمينن جي لسٽ عدالت ۾ پيش ڪري ڇڏي

فردوس شميم، عمر دراز، سيد امجد ۽ محمد مصطفيٰ کي مختلف ڪيسن ۾ گرفتار ڪيو ويو آهي : پوليس

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) سنڌ هاءِ ڪورٽ ميئر ۽ ڊپٽي ميئر جي چونڊن ۾ سمورن چونڊيل نمائندن جي شموليت کي يقيني بڻائڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو. عدالت ۾ يوسي چيئرمين کي ميئر جي چونڊ ۾ ووٽ وجهڻ کان روڪڻ خلاف درخواست تي ٻڌڻي ٿي، پوليس ۽ سنڌ حڪومت گرفتار ٿيل 4 يوسي چيئرمينن جي لسٽ عدالت ۾ پيش ڪري ڇڏي، پوليس جو چوڻ آهي ته فردوس شميم / بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 23

نوي لک گهراڻن کي بينظير انڪم سپورٽ پروگرام تحت سهولتون فراهم ڪري رهيا آهيون: شازيه مري

هاڻي پروگرام تحت ڳورهاري عورتون به رجسٽريشن ڪرائي سگهن ٿيون

ٻار جي پيدائش کان ڇهن مهينن تائين بينظير واڌ ويجهه پروگرام تحت مدد فراهم ڪئي پئي وڃي

ٻارن جي پيدائش تي 2 هزار ۽ نينگري جي پيدائش تي 2 هزار 5 سؤ مدد فراهم ڪئي پئي وڃي

اسلام آباد (م ڊ) وفاقي وزير شازيه مري چيو آهي ته بينظير انڪم سپورٽ پروگرام تحت 90 لک گهراڻن کي سپورٽ فراهم ڪئي پئي وڃي، بي / بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 26

ڪراچي ۾ پوليو وائرس ٽائپ ون جي ماحولياتي نمونن جي تصديق

پوليو وائرس ٽائپ ون جي پاڪستان نيشنل پوليو ليبارٽري تصديق ڪئي

اوير ضلعي ۾ سهراب ڳوٺ وٽ پوليو وائرس جي نشاندهي ٿي

ڪراچي (م ڊ) ڪراچي ۾ پوليو وائرس ٽائپ ون جي ماحولياتي نمونن جي تصديق ٿي آهي. صحت کاتي جي ترجمان موجب پوليو وائرس / بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 25

وفاقي وزير شازيه مري

بجيٽ ۾ اعليٰ تعليم ۽ ليپ ٽاپ اسڪيم لاءِ وڏي رقم رکي وئي

تعليم صوبائي ذميواري آهي پر وفاق ان ۾ پنهنجو ڀرپور حصو وجهندو آهي : نائي وارو وزير

تعليم جي شعبي ۾ مالي مدد لاءِ پاڪستان انڊومنٽ فنڊ قائم ڪيو پيو وڃي

اسلام آباد (م ڊ) وفاقي حڪومت سالياتي بجيٽ ۾ ٻين شعبن جيان تعليم جي شعبي لاءِ به وڏي رقم رکي ڇڏي. نائي واري وزير اسحاق ڊار قومي اسيمبلي ۾ تحيت تجويزون پيش ڪندي چيو ته تعليم صوبائي ذميواري آهي پر وفاق ان ۾ / بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 27

ڊپٽي ڪمشنر ضلعو ڏکڻ پاران امڪاني مون سون برساتن جي ڏس ۾ ڪنيل انتظامن جو جائزو

غلام مرتضيٰ شيخ چار سب ڊويزنن لياري، آرام باغ، صدر ۽ گارڊن جو دورو ڪيو

چوڪنگ پوائنٽس سميت سمورن پمپنگ اسٽيشن تي نظر رکي پئي وڃي: غلام مرتضيٰ شيخ

اسسٽنٽ ڪمشنرز برساتي نالن جي طرفن غيرقانوني حدخلين کي فوري طور تي ختم ڪرائين

ڪراچي (رپورٽر) ڊپٽي ڪمشنر ڏکڻ غلام مرتضيٰ شيخ برساتي نالن جي جاري صفائي ۽ برسات جي پاڻي جي نيڪال جي ڏس ۾ ڪنيل قدمن جو جائزو وٺڻ جي سلسلي ۾ ضلعي ڏکڻ جي چار سب ڊويزنن لياري، آرام باغ، صدر ۽ گارڊن جو دورو ڪيو. ڊپٽي ڪمشنر ڏکڻ چيو ته ضلعي ڏکڻ ۾ سمورن ننڍن وڏن برساتي نالن، چوڪنگ پوائنٽس سميت سمورن پمپنگ اسٽيشن / بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 24

ويڳهي پيءُ زال سان جهيڙي دوران روئڻ تي ٻن ورهين جي پٽ کي ماري وڌو

اسلم زال سان جهيڙي دوران ٻن ورهين جي عبدالهادي تي تشدد ڪيو جنهن ۾ هو فوت ٿي ويو

اسلم ٻار جو ويڳهو پيءُ آهي، جيڪو واقعي ڪانپوءِ فرار ٿي ويو : ايس ايس پي ڪورنگي طارق نواز

ڪراچي (م ڊ) ڪراچي جي علائقي ڪورنگي ڪوڪرا پار ۾ ويڳهي پيءُ جي تشدد ۾ ٻن ورهين جو ٻار فوت ٿي ويو ايس ايس پي ڪورنگي طارق نواز موجب اسلم / بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 29

ڪراچي: جماعت اسلامي سنڌ جو امير اڳوڻو ايم اين اي محمد حسين محنتي عوام جا مسئلا ٻڌي رهيو آهي

ڀارت جي لڳ ڪاندارينڊڙ واردات ۾ عورت جا عضوا گرينڊر ۾ ٻه پيسڻ جو انڪشاف

ممبئي (م د) ممبئي ۾ ميرا روڊ تي موجود اپارٽمينٽ ۾ ٿيل قتل جي جاچ دوران اهم انڪشاف ٿيو آهي جنهن موجب جوابدار ساٿي عورت جي عضون کي لڪائي لڳائڻ لاءِ گرينڊر جو به استعمال ڪيو ڀارتي پوليس گذريل ڏينهن 56 ورهين جي منوج کي پنهنجي ساٿي سرسوتي وادايا کي قتل ڪرڻ جي الزام ۾ گرفتار ڪيو / بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 31

آمريڪا ۽ برطانيا وچ ۾ نون خطرن کي منهن ڏيڻ لاءِ اسٽريٽجڪ معاهدي جو اعلان ٿي ويو

وائيٽ هائوس ۾ آمريڪي صدر جو بائيڊن ۽ برطانوي وزيراعظم رشي سونڪ جي ملاقات ٿي

روس، چين ۽ معاشي عدم استحڪام جو مقابلو ڪرڻ لاءِ خاص لاڳاپا قائم ڪرڻ تي اتفاق ڪيو ويو

واشنگٽن (م د) آمريڪا ۽ برطانيا وچ ۾ نون خطرن کي منهن ڏيڻ لاءِ اسٽريٽجڪ معاهدي جو اعلان ٿي ويو وائيٽ هائوس ۾ آمريڪي صدر جو بائيڊن / بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 30

سامونڊي طوفان بيپرجوائي پنهنجو رخ تبديل ڪري پاڪستان طرف وڌي ويو

طوفان هاڻي اتر اولهه بدران اتر اوڀر طرف وڌي رهيو آهي : موسميات کاتو

جيڪڏهن طوفان جو رخ ساڳيو رهيو ته پاڪستان جي ساحلي پٽي لاءِ خطرو آهي

ڪراچي (م د) موسميات کاتي خبردار ڪيو آهي ته سامونڊي طوفان بيپرجوائي پنهنجو رخ تبديل ڪري پاڪستان طرف وڌي ويو آهي. موسميات کاتي جو چوڻ آهي ته طوفان هاڻي اتر اولهه بدران اتر اوڀر طرف وڌي رهيو آهي، جيڪڏهن طوفان جو رخ / بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 28

روشني پبليڪيشن پاران پريس ڪلب گهارو جي تعاون سان ٽائون ڪميٽي ۾ ڪتابي ميلو شروع

ادبي شخصيت، تعليمي ماهر ۽ شاعر احسان علي احسن جوکيو جي نالي سان ڪتابي ميلو منعقد ڪيو ويو

اهڙا ڪتابي ميلا لڳائڻ ڪپن ته جيئن اسان جي نوجوانن ۾ شعور بيدار ٿئي: چام احسان جوکيو جون ڳالهيون

احسان علي عرف احسن جوکيو کي سنڌس ڪيل علمي، ادبي ۽ تعليمي ڪوشش کي خراج تحسين پيش ڪريان ٿو

گهارو (بشام جوکيو) گهاري شهر ۾ علمي ادبي شخصيت مرحوم سائين احسن جوکيو جي نالي سان منسوب ڪتابي ميلو لڳايو ويو جنهنجو افتتاح گهارو ٽائون جي نامزد چيئرمين چام احسان جوکيو ان موقعي تي ميڊيا سان ڳالهائيندي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 01

گهارو: پ پ اڳواڻ چام احسان جوکيو ڪتابي ميلي جو افتتاح ڪري رهيو آهي

جنگشاهي لڳ ڪي فور پروجيڪٽ ۾ ڳوٺ ماما علي نواز جوکيو جو نوجوان ڪري فوت

ٺٽو (رپورٽر) جنگشاهي لڳ ڪي فور پروجيڪٽ ۾ ڳوٺ ماما علي نواز جوکيو جو رهواسي 20 سالا نوجوان پورهيت طفيل احمد ولد امير علي جوکيو ڪنٽينر تي ڪم ڪندي اوچتو مٿان ڪان ڪري بيهوش ٿي ويو، جنهن کي رورل هيلٿ سينٽر جنگشاهي پهچايو ويو، جتي ڊاڪٽرن پاران سنڌس حياتي بچائڻ لاءِ ڪيل وڏين/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 02

زرعي زمين وڪرو ڪرڻ بعد پئسا وٺي بااثر زمين تي قبضو ڪيو: رتوديرو واسي

پڊل خان رند جو گهرڀاتين سميت بااثر خلاف رتوديرو نيشنل پريس ڪلب اڳيان احتجاج ڪيو

گهرڀاتين کي ڪجهه به ٿيو ته ان جو ذميوار غلام سرور ۽ سنڌس ساٿارين کي سمجهيو وڃي: پڊل خان رند

سول ۾ ڪيس وڌو آهي پوءِ ڪورٽ ۾ هلي جيڪو غلط ۽ سچو ثابت ٿئي، اسان غريب مسڪين آهيون

رتوديرو (رپورٽر) زرعي زمين وڪرو ڪرڻ بعد پئسا وٺي بااثر زمين تي قبضو ڪيو آهي. رتوديرو/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 03

ڪينجهر ونڊ ڪناري مولدي مياڻ ۾ انسانيت لڄائيندڙ واقعو، نينگري سان جوابدار پاران زيادتي، جوابدار گرفتار

نينگري سان جوابدار پاران زوري زيادتي، ڪيس داخل جوابدار گرفتار، وارثن پاران مڪلي تي احتجاجي مظاهرو

پورهيت غلام حيدر ماڇي جي 14/15 سالا اپاهج نياڻي صغريٰ سان آٽا وليج جي وحشي جوابدار زيادتي ڪئي

جوابدار ڊر پاران ڪيس تان هٽ ڪٽائڻ لاءِ مختلف حربا استعمال ڪري اسانکي پريشان ڪيو پيو وڃي: مظاهرين

ٺٽو (رپورٽ: جاويد لطيف ميمڻ) جهمپير لڳ ڪينجهر ونڊ جي ڪنڌيءَ تي ترجوان حسن آٽو پاران ماڇي برادري سان واسطو رکندڙ ذهني طور تي معذور نياڻي سان مبينا جنسي ڏاڍائي جو ڪيس جهمپير ٿاڻي تي داخل ٿيڻ ڪانپوءِ جهمپير پوليس پاران جوابدار کي گرفتار ڪيو ويو ايس ايس پي ٺٽو عديل حسين چانڊيو پاران 14 ورهين جي ذهني معذور نينگري سان ٿيل مبينا /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 04

ٺٽو: ذهني معذور نينگري سان جنسي ڏاڍائي ڪندڙ جوابدار پوليس تحويل ۾ بيٺل آهي

ايس ايڇ او بلڙي شاهه ڪريم جي دبنگ ڪارروائي، منشيات فروشن جو گهيرو تنگ

بلڙي شاهه ڪريم (رپورٽر) دبنگ ايس ايڇ او بلڙي شاهه ڪريم جي دبنگ ڪارروائي ضلعي سپه سالار ايس ايس پي ٽنڊو محمد خان غلام نبي ڪيريو جي حڪمن جي پاسداري ڪندي ڪرائم ۽ منشيات جي وڪري کي بند ڪرائڻ لاءِ دبنگ ايس ايڇ او :پي ايس: بلڙي شاهه ڪريم ارباب الله وسايو جي اڳواڻي ۾ بلڙي پوليس جون ڪاروايون/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 05

سکر ۾ به گرمي پد وڌڻ شروع ٿي ويو، گرمي سبب واهن تي شهرين جي رش

ٿڌين مشروبات ۽ برف جي طلب ۾ اضافو، ڪيترن ئي علائقن ۾ بجلي جي لوڊشيڊنگ

ڪير ٿر ڪئنال، روهڙي ڪئنال ۽ ٻين هنڌن تي وڏي انگ ۾ ٻزرگن ۽ ٻارن جو وڏو تعداد پهچي ويو

بجلي جي ڪلاڪن جا ڪلاڪ لوڊشيڊنگ جي ڪري رهواسي پريشاني کي منهن ڏيڻ تي مجبور آهن

سکر (رپورٽ. امداد علي گل ڪلوڙ) ملڪ جي ٻين شهرن جيان سکر ۾ به گرمي پد وڌڻ شروع ٿي ويو گرمي سبب واهن تي شهرين جو رش، واٽر پارڪ، ٿڌين مشروبات ۽ برف جي طلب ۾ اضافو ڪيترن ئي علائقن ۾ بجلي جي لوڊشيڊنگ جاري ان سلسلي ۾ ملڪ جي ٻين شهرن جيان سکر سميت پرپاسي جي علائقن ۾ به گرمي جي شدت ۾ واڌ سبب شهرين جي وڏي انگ/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 06

ن ليگ هميشه عوام جي حقن جي فراهمي سميت خوشحالي لاءِ ڪوشش ڪئي: خورشيد ميراڻي

پارٽي منشور تحت عوام کي درپيش مشڪلاتون حل ڪرڻ لاءِ ڏينهن رات ڪوششون ڪري رهيا آهن

رليف ڏيڻ سميت ملڪي جي ترقي، خوشحالي لاءِ ڏينهن رات ڪوششن ۾ رڌل آهيون: ميڊيا سان ڳالهيون

سکر جي مختلف علائقن گرم گودي، آدم شاهه ڪالوني جي دوري جي موقعي تي ڪارڪنن سان ملاقات

سکر (رپورٽ. امداد علي گل ڪلوڙ) پاڪستان مسلم ليگ ن سکر ضلعي جي صدر خورشيد ميراڻي چيو آهي ته ن ليگ هميشه عوام جي حقن جي فراهمي سميت ملڪ جي تعمير ۽ ترقي، خوشحالي لاءِ ڪوشش ڪئي آهي ن ليگ جي قيادت/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 07

سکر: ن ليگ اڳواڻ خورشيد ميراڻي علائقي جي دوري دوران شهرين سان ڳالهائي رهيو آهي

سنڌ ايجوڪيشنل اينڊ ووڪيشنل اٿارٽي پاران خيرپور ۾ عورتن جي ووڪيشنل ٽريننگ سينٽر قائم

خيرپور (رپورٽر) سنڌ ايجوڪيشنل اينڊ ووڪيشنل اٿارٽي (اسٽيوٽا) پاران عورتن جي ووڪيشنل ٽريننگ سينٽر، خيرپور پرسان منگهن واري ۾ قائم ڪيو ويو آهي جنهن جي افتتاحي تقريب ڇنڇر ڏينهن شام جو ٿيندي، تقريب جو پي پي ايم اين اي جاويد علي شاهه جيلاني ڪندو جڏهن ته اسٽيوٽا سنڌ جو مئنيجنگ/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 08

سکر انتظاميا ۽ چونڊيل نمائندن جي ناقص منصوبابندي سبب منصوبا رولڙي جو شڪار

منصوبا اڃا تائين مڪمل نه ٿي سگهيا، روڊن ۽ رستن سميت ڊرينيج سسٽم تباهه ٿي ويو

شهر جي مختلف علائقن ۾ جاري ڊرينيج ۽ واٽر سپلاءِ جا منصوبا مڪمل نه ٿي سگهيا آهن

مسافر گاڏين کي آمد و رفت سميت راهگيرن کي سخت پريشاني کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي

سکر (رپورٽ. امداد علي گل ڪلوڙ) سکر انتظاميا ۽ چونڊيل نمائندن جي ناقص منصوبابندي، ڊرينيج ۽ واٽر سپلاءِ جا منصوبا اڃا تائين مڪمل نه ٿي سگهيا، روڊن ۽ رستن سميت ڊرينيج سسٽم تباهه ٿي ويو، شهري سخت ڏکيائين کي منهن ڏيڻ تي مجبور، سکر جي شهرين پاران چيف جسٽس آف پاڪستان کي نوٽيس وٺڻ جي اپيل ان سلسلي ۾ سنڌ جي ٽشين/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 09

سانگهڙ پوليس عورتن کي سماجي تحفظ فراهم ڪرڻ لاءِ قدم کڻي رهي آهي: ايس ايس پي

گهريلو تشدد جي روڪٿام لاءِ واٽس ايپ گروپ ٺاهيو ويندو جنهن ۾ شرڪت ڪندڙن کي ايڊ ڪيو ويندو

خاص ڏيان ڏيڻ گهرجي ته اهڙا ڪهڙا سبب آهن جو ماڻهو پنهنجي پاڻ کي مارڻ لاءِ تيار ٿيو وڃي: عابد علي بلوچ

وومين پروٽيڪشن سيل قائم ڪيو آهي نوجوانن کي جديد دور جي تقاضائن مطابق ٽيڪنالاجي جي تربيت ڏني پئي وڃي

سانگهڙ (رپورٽ: نادر ٻوڏي) سانگهڙ پوليس عورتن کي سماجي تحفظ فراهم ڪرڻ لاءِ خاص قدم کڻي رهي آهي، جنهن ۾ صنفي بنيادن تي گهريلو تشدد، ڪم ڪار جي جڳهن تي جنسي حراسمنٽ جي روڪٿام به شامل آهي. ان مقصد لاءِ پوليس وومين پروٽيڪشن سيل قائم ڪيو ويو آهي جنهن ۾ گهريلو تشدد جي روڪٿام، جنسي حراسمنٽ ۽ عورتن جي ٻين مسئلن جي حل/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 10

سانگهڙ: ايس ايس پي عابد علي بلوچ بريفنگ ڏئي رهيو آهي

نوابشاهه پرسان ست ميل روڊ تان نوجوان ڪان برادري پاران احتجاجي مظاهرو

نوابشاهه (رپورٽر) نوابشاهه پرسان ست ميل روڊ تان رات دير سان ڪاشف رند ڪان موٽر سائيڪل ڦر ٿيڻ خلاف نوابشاهه گجراواهه پل تي ڪاشف رند نواز رند اسد زرداري عمران زرداري ۽ ٻين جي اڳوائي ۾ احتجاج ڪيو ويو جتي احتجاج ڪندڙن ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته ايس ايڇ او بي سيڪشن محمدخان ابڙو جڏهن ڪان بي سيڪشن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 11

سکر ۾ گيس جي لوڊشيڊنگ، اسٽال بند، ماڻهو ڪاٺين تي ڪاڌو تيار ڪرڻ تي مجبور

ڪاٺين جي گهرج به وڌي وئي، گيس جا بل ادا ڪرڻ باوجود سوئي گيس جو متبادل ڳولڻ لڳا

لوڊشيڊنگ، بندش ڪانپوءِ گيس پريشر جي ڪوٽ نه رڳو گهرن کي پر مفلوج ڪري ڇڏيو آهي

ڪاٺين جي گهرج به وڌي وئي آهي ڪاٺين جي وڌيڪ وڪري ڪري دڪاندار به اڳ وڌائي مالا مال ٿي ويا

سکر (رپورٽ. امداد علي گل ڪلوڙ) سکر ۾ گيس جي بدترين لوڊشيڊنگ، اسٽال بند، ماڻهو ڪاٺين ايل پي گيس ۽ ڪوئلي تي ڪاڌو تيار ڪرڻ تي مجبور، ڪاٺين جي گهرج به وڌي وئي، گيس جا بل ادا ڪرڻ باوجود سوئي گيس جو متبادل ڳولڻ لڳا ان سلسلي ۾ سکر ۽ ان جي پرپاسي وارن علائقن ۾ سوئي سڌرن گيس ڪمپني انتظاميا جي مجرمانه غفلت ۽ مسلسل لاپرواهي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 12

سوڀوديرو واسي پريمي جوڙي عدالت ۾ پيار جو پرڻو ڪري ڇڏيو، تحفظ لاءِ احتجاج

عبدالوحيد جوڳي ۽ ناري اميران خاتون جوڳي خيرپور جي عدالت ۾ شادي ڪري ڇڏي

عدالت ۾ پيار پرڻو ڪيو آهي پر اميران خاتون جوڳي جا وارث جان جا ويري بڻجي ويا آهن

ڪمبٽ (رپورٽر) سوڀوديرو واسي پريمي جوڙي عبدالوحيد جوڳي ۽ ناري اميران خاتون جوڳي خيرپور جي عدالت ۾ پيار جو پرڻو ڪري ڇڏيو تحفظ لاءِ احتجاج. ان موقعي تي احتجاج ڪندي سوڀوديرو واسي نوجوان عبدالوحيد جوڳي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 14

نوشهروفيروز ويجهو ڳوٺ گل محمد چانڊيو ۾ چائلڊ پروٽيڪشن بابت پروگرام منعقد

ڊسٽرڪٽ ڪوآرڊينيٽر بي بي صنم شاهه دادو جي ڊسٽرڪٽ ڪوآرڊينيٽر شرڪت ڪئي

ميڊم سڪينه، شفا فائونڊيشن جي ميڊم عمارا سرفراز، زاهد راڄپر عاقب وسطڙو شريڪ ٿيا

نوشهروفيروز (رپورٽ: منظور ملڪ) نوشهروفيروز ويجهو ڳوٺ گل محمد چانڊيو ۾ آءِ آر سي يونيسيف پاران چائلڊ پروٽيڪشن بابت پروگرام منعقد ڪرايو ويو جنهن ۾ آءِ آر سي نوشهروفيروز جي ڊسٽرڪٽ ڪوآرڊينيٽر بي بي صنم/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 16

نوشهروفيروز: ڳوٺ گل محمد چانڊيو ۾ سماجي تنظيم پاران ڪرايل تقريب جو ڏيک

ڪنڌيارو، صحت کاتي جي نااهلي سبب ارڙي وگهي وڌيڪ هڪ ٻار فوت، انگ 3 ٿي ويو

ڪنڌيارو شهر جي سليم آباد محلي ۾ ارڙي بيماري ۾ مبتلا ذيشان پٽ نذير پنجارو فوت ٿي ويو

ٻارڙي جي فوتگي بعد ڪنڌيارو جي سليم آباد ۾ فوتي ٻارڙن جو انگ وڌي ٽي ٿي ويو آهي

ڪنڌيارو (رپورٽر) ڪنڌيارو، صحت کاتي جي نااهلي سبب ارڙي وگهي وڌيڪ هڪ ٻار فوت. فوتي ٻارن جو انگ ٽي ٿي ويو ڪنڌيارو شهر جي سليم /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 18

حيدرآباد ۾ ڳوٺ ميرخان پنهور پرائمري اسڪول انتظاميا جي لاپرواهي سبب واڙو بڻيل

ميرخان پنهور پرائمري اسڪول انتظاميا جي بي ڌياني ڪري 15 سال کان زبون مال جو واڙو بڻيل

دربدر 3 ڪلو ميٽر پري ٻي ڳوٺ جي اسڪول وڃڻ تي مجبور رستي ۾ رولو ڪتن جو آزار آهي: رهواسي

حيدرآباد (رپورٽر) ضلعو تعلقو حيدرآباد ڳوٺ ميرخان پنهور پرائمري اسڪول انتظاميا جي بي ڌياني ڪري 15 سال کان زبون مال جو واڙو بڻيل ڳوٺاڻا ٻار پڙهائي لاءِ دربدر 3 ڪلو ميٽر پري ٻي ڳوٺ جي اسڪول وڃڻ تي مجبور رستي ۾ رولو ڪتن/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 20

پ پ عوام جي خدمت تي يقين رکي ٿي، عوام اسان سان گڏ آهي: پير مجيب الحق

پاليسين تي پورو لهڻ جي ڪوشش ڪندس دادو شهر جي لاءِ ڏينهن رات ڪم ڪندس: دانش علي

ميونسپل ڪاميٽي جي سيني ميمبرن کي بنا ڪنهن فرق جي پاڻ سان گڏ ڪٺي هلندس

دادو (عزيزالله خاصخيلي) پاڪستان پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جي منظوري بعد پ پ پ سنڌ جي صدر نثار احمد کهڙو پاران دادو ميونسپل/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 21

دادو: پ پ اڳواڻ پير مجيب الحق ۽ پير دانش علي جو ڪارڪن استقبال ڪري رهيا آهن

نوابشاهه سانگهڙ روڊ تي خان پمپ وٽ تيز رفتار ٽرڪ ۽ موٽرسائيڪل ۾ ٽڪر

سوئي گئس جو رهواسي امتياز جمالي مصر جي واهه جو رهواسي حق نواز ڏاهري زخمي

پوليس سيڪشن پوليس پهچي لاش پيپلز ميڊيڪل اسپتال نواب شاهه منتقل ڪيا

نوابشاهه (رپورٽر) نوابشاهه سانگهڙ روڊ تي خان پمپ وٽ تيز رفتار ٽرڪ ۽ موٽرسائيڪل ۾ ٽڪر ٿي پيو جنهن جي نتيجي ۾ موٽرسائيڪل تي سوار ٻه دوست سوئي گئس جو رهواسي امتياز جمالي مصر جي واهه جو رهواسي حق نواز ڏاهري شديد /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 24

سلطانپور ويجهو ڪينٽ ٿاڻي جي حد ڳوٺ امين مهر ۾ مهر برادري ۾ جهيڙو

زميني معاملي تان جهيڙي دوران لٺين ۽ ڪهاڙين لڳڻ سبب 6 ڄڻا زخمي ٿي پيا

زخمين ۾ گلزار، شاهنواز، الاهي بخش، وقاص بابر علي ۽ ٻيا شامل، ڪيس داخل نه ٿيو

سلطانپور (رپورٽر) سلطانپور ويجهو ڪينٽ ٿاڻي جي حد ڳوٺ امين مهر ۾ مهر برادري جي ٻن ڌرين ۾ زمين جي مالڪي تان جهيڙو جهيڙي دوران لٺين ۽ ڪهاڙين لڳڻ سبب 6 ڄڻا زخمي ٿي پيا زخمين ۾ گلزار، شاهنواز، الاهي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 26

سلطانپور: ڳوٺ امين مهر ۾ جهيڙي ۾ زخمي ٿيل اسپتال ۾ داخل آهي

ڪاڇي جي ڳوٺ مست ڪيهر شاهه جي رهواسي پورهيت پاران احتجاجي مظاهرو

محمد شريف لاشاري نيشنل پريس ڪلب جوهي ۾ روئيندي احتجاجي مظاهرو ڪيو

نياڻي سبحانه کي ٽن سالن کان هڪ گردو مڪمل ختم هجڻ سبب گهمڻ ڦرڻ کان لاچار آهي

جوهي (رپورٽر) ڪاڇي جي ڳوٺ مست ڪيهر شاهه جي رهواسي پورهيت محمد شريف لاشاري نيشنل پريس ڪلب جوهي ۾ روئيندي ٻڌايو ته پنج سالہ منهنجي معصوم نياڻي سبحانه کي گذريل ٽن سالن کان هڪ گردو مڪمل ختم ۽ ٻئي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 29

يوسي جهمپير جي ڪوهستان ست پاڳي هڪ ۾ زمين تي قبضي خلاف احتجاج

رهواسين پاران پنهنجي زمينن تي ٿيل قبضن توڙي کين زمينن جا معاوضا نه ملڻ خلاف ريلي

قبضا خالي ڪرائڻ توڙي زمينن جا معاوضا گهرڻ تي نقصان جون ڌمڪيون ڏنيون پيون وڃن: الزام

ٺٽو (رپورٽر) يوسي جهمپير جي ڪوهستان ست پاڳي هڪ، مڪان نتوجي جي ڪوهستاني ڳوٺ سائينن جاکرو جي متاثر رهواسين پاران پنهنجي زمينن تي ٿيل قبضن توڙي کين زمينن جا معاوضا نه ملڻ خلاف ڌاڌهيندي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 31

سلطانپور ۾ سول جج پنوعاقل پاران ٿاڻي تي ڇاپو، ناحق گرفتار ٿيل پيرسن آزاد

سول جج ناحق گرفتار ٿيل جلال ڳوٺ واسي پيرسن نذير احمد انڍڙ کي آزاد ڪرائي ورتو

ماڻهو به اسان جو قتل ٿيو ۽ پوليس ماڻهو به اسان جا ئي گرفتار ڪري: درخواستگذار

سلطانپور (رپورٽ: قربان علي مهر) سلطانپور / عدالتي حڪم تي ڇاپو سلطانپور_ سيشن جج سکر جي حڪم تي سول جج پنوعاقل سلطانپور ٿاڻي تي ڇاپو، ناحق گرفتار ٿيل جلال ڳوٺ واسي پيرسن نذير احمد انڍڙ کي آزاد ڪرائي ورتو_ ايس /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 33

دادو ۾ سماجي تنظيم انڊس ريسورس سينٽر پاران ٻارڙن ۽ عورتن جي تحفظ لاءِ اسٽيج ڊرامو پيش

ننڍي عمر جي شادي، جبري پورهيو، ٻارڙن ۽ عورتن تي تشدد سميت عورتن ۽ ٻارڙن تي تشدد بابت آگاهي

ٻارڙن ۾ پرٿ رجسٽريشن جا سرٽيفڪيٽ پڻ تقسيم ڪيا ويا، مدحنيف سولنگي ۽ سيد صنم شاهه شريڪ ٿيا

ٻارڙا توڙي عورتون پريشانين ۾ مبتلا ٿي وڃن ٿا، ٻارڙن کان جبري پورهيو ورتو پيو وڃي: ساجاهه وندن پاران شرڪت

دادو (رپورٽ عزيزالله خاصخيلي) دادو ۾ سماجي تنظيم انڊس ريسورس سينٽر پاران ٻارڙن ۽ عورتن جي تحفظ ۽ انهن سان پيش ايندڙ واقعن بابت آگاهي اسٽيج ڊرامو پيش ڪيو ويو. ننڍي عمر جي شادي، جبري پورهيو، ٻارڙن ۽ عورتن تي تشدد/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 13

دادو: سماجي تنظيم پاران ڪرايل تقريب جو ڏيک

ايس ايڇ او گهارو انسپيڪٽر ممتاز علي بروهي ۽ انچارج پوليس پوسٽ پاران ڪارروائي

ٺٽو (رپورٽر) ايس ايڇ او گهارو انسپيڪٽر ممتاز علي بروهي ۽ انچارج پوليس پوسٽ گجو سب انسپيڪٽر عبدالوهاب عباسي گشت دوران نيشنل هاءِ وي روڊ هاليجي لنڪ روڊ تي ڪامياب ڪاروائي ڪري هڪ ڪلٽس ڪار تي ڇاپو هڻي ٻن گٽڪ مٽيرل سپلائير جوابدارن فواد خان ولد روزخان پٺاڻ ۽ سجاد ولد محمد عمر چانڊيو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 15

بدين جي شهر ڏئي پرسان ڳوٺ جعفر سولنگي جي رهواسين پاران احتجاجي مظاهرو

هارين گاجي ماڇي علي احمد ماڇي حسين غلام رسول ماڇي ۽ ٻين احتجاجي مظاهرو ڪيو

ڪوڙا ڪيس داخل ڪرايا آهن اسان غريب ماڻهو آهيون لنديون لتاڙي فصل تيار ڪيو هو: مظاهرين

بدين (مرتضيٰ ميمڻ) ضلعي بدين جي شهر ڏيبي پرسان ڳوٺ جعفر سولنگي جي رهواسين جو ظالم زميندار عبدالله ميمڻ ڏاڍاءِ واري خلاف پريس ڪلب ڏيئي اڳيا اچ ٻي ڏينهن به دانهيندي هارين گاجي ماڇي علي احمد ماڇي حسين غلام رسول ماڇي ۽ ٻين چيو ته هاريي جو حساب گهرڻ تان اسان جي مٿان ڪوڙا ڪيس داخل ڪرايا آهن اسان غريب ماڻهو آهيون لنديون لتاڙي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 17

بلڙي شاهه ڪريم ويجهو ڪپور موري لڳ ڳوٺ شادو گهٽڪو جي رهواسين پاران احتجاج

مسمات فاطمه گهٽڪو، محمد شريف گهٽڪو، عبداللطيف گهٽڪو ۽ ٻين مظاهرو ڪيو

بااثر زميدار راشد لوڌي اسان کي زمين تان بي دخل ڪرڻ چاهي ٿو، نوٽيس ورتو وڃي: مظاهرين

بااثر زميندار ڪپور موري ٿاڻي تي ڪوڙا ڪيس داخل ڪري اسان کي لڏائڻ چاهي ٿو: ڳالهيون

ٽنڊو غلام حيدر (ن س) بلڙي شاهه ڪريم ويجهو ڪپور موري لڳ ڳوٺ شادو گهٽڪو جي رهواسين جو بااثر زميندار جي ڏاڍائين خلاف محمد رحيم گهٽڪو مسمات فاطمه گهٽڪو، محمد شريف گهٽڪو، عبداللطيف گهٽڪو جي اڳواڻي ۾ احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو احتجاجي مظاهري دوران ڳوٺاڻن ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو اسان صدين کان سروي زمين نمبر/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 19

ٽنڊو غلام حيدر: ڳوٺ شادو گهٽڪو واسي بااثر زميندار خلاف احتجاج ڪري رهيا آهن

گمبٽ ۾ بدامني تي ضابطو نه اچي سگهيو، پوليس جي ناڄائزين خلاف احتجاجي مظاهرو

گمبٽ (رپورٽر) گمبٽ ۾ بدامني تي ضابطو نه اچي سگهيو ، صحافي جي پاءِ جي ٿيل چوري ۽ پوليس جي ناجائزين خلاف صحافي سراپا احتجاج، پوليس چوري ۾ ملوث جوابدار کي آزاد ڪري ڇڏيو خبرموجب: گمبٽ ۾ وڌندڙ بدامني ۽ صحافي اسلم عباسي جي پاءِ جي ٿيل چوري خلاف صحافين ٻئي ڏينهن به گمبٽ ميڊيا /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 22

خوراڪ کاتو سکر حدف پورو ڪرڻ ۾ ناڪام، انسپيڪٽرن خلاف ڪارروائي ٿي نه سگهي

ساڍا چار لک 4 لک خريداري ڪٽڪ فلور ملز مالڪان خوراڪ کاتي کان وڌيڪ خريد ڪري ورتو

خانگي فلور ملز جي مالڪان سان وفاداري نڀائڻ جو انڪشاف ملوث انسپيڪٽرن خلاف ڪارروائي نه ٿي

خانگي ماڻهون چوڪيدار ۽ منشي رکي ڪٽڪ جون گاڏيون پڪڙي فلور ملز تائين پهچائيندا رهن ٿا: ذريعا

سکر (رپورٽ. امداد علي گل ڪلوڙ) خوراڪ کاتو سکر حدف پورو ڪرڻ ۾ ناڪام گذريل سالن جيان هن سال ب نا اهل فود انسپيڪٽرن جي مقرري سبب ٽارگيٽ پورو ٿي نه سگهيو ساڍا اٺ 8 لک مان ساڍا چار لک 4 لک خريداري ڪٽڪ فلور ملز مالڪان خوراڪ کاتي کان وڌيڪ خريد ڪري ورتو فلور ملز جي خريداري ڪرڻ ۾ فود کاتي جي سرڪاري پگهار کڻندڙ سرڪار سان وفاداري/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 23

بلدياتي چونڊن ۾ ضلع ڪائونسل جي مخصوص سيٽ تي چانڊني ٻائي حلف کڻي ورتو

بابر علي خان لنڊ جي ڪاوشن سان ڀيل برادري سان تعلق رکندڙ چانڊني ٻائي حلف کنيو

پيپلزپارٽي بغير رنگ و نسل جي هر مذهب جي ماڻهن کي هڪ نظر سان ڏٺو آهي: بابر علي خان لنڊ

بغير رنگ و نسل جي هر مذهب جي ماڻهن کي هڪ نظر سان ڏٺو آهي ۽ اڳتي اچڻ جو موقعو ڏنو آهي

گهوٽڪي (رپورٽ لالچند موٽواڻي) بلدياتي چونڊن ۾ ضلع ڪائونسل جي مخصوص سيٽ تي مير بابر علي خان لنڊ جي ڪاوشن سان ڀيل برادري سان تعلق رکندڙ چانڊني ٻائي مخصوص سيٽ جي عهدي جو حلف کڻي ورتو پاڪستان پيپلزپارٽي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 25

گهوٽڪي: بلدياتي چونڊن ۾ مخصوص سيٽ جي عورت اميدوار حلف کڻي رهي آهي

ڪمشنر شهيد بينظير آباد پاران پروموشن ماڻيندڙ 6 ملازمن ۾ آرڊر ورهايا ويا

نواب شاهه (رپورٽر) ڪمشنر شهيد بينظير آباد ڊويزن محمد عباس بلوچ اڄ ڪمشنر آفيس ۾ ڊپارٽمينٽل پروموشن ڪميٽي فور ذريعي ضلعي نوشهرو فيروز جي روينيو کاتي جي جونيئر ڪلارڪن مان سينيئر ڪلارڪ طور پروموشن ماڻيندڙ 6 ملازمن ۾ پروموشن جا آرڊر ورهايا ان موقعي تي ڪمشنر محمد عباس بلوچ پروموشن/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 27

افغاني پٺاڻن جو سرجاني ٿاڻي تي حملو، فائرنگ سبب علائقو ميدان جنگ بڻجي ويو

افغانين ٿاڻي تي فائرنگ ڪري ڏني پوليس جي جوابي فائرنگ ۾ افغاني ڀڄي جان بچائي

ڦر ڪرڻ دوران مزاحمت تي فائرنگ جي نتيجي ۾ قتل ٿيل شهري جي وارثن جو ٿاڻي آڏو احتجاج

شهري وڪيل احمد جي وارثن جي احتجاج تي پوليس پاران گرفتار ڦورو خلاف ڪيس داخل ڪيو ويو

ڪراچي (باغي ساگر پنهور) افغاني پٺاڻن جو سرجاني ٿاڻي تي حملو فائرنگ علائقو ميدان جنگ بڻجي ويو ڦورو افغانين کي ڇڏرائڻ لاءِ پهتل افغانين ٿاڻي تي فائرنگ پوليس جي جوابي فائرنگ ۾ افغاني ڀڄي جان بچائي خبر موجب گذريل رات دير سان سرجاني ٿاڻي جي حد يارو ڳوٺ ۾ افغاني پٺاڻن پاران شهرين کان ڦر ڪرڻ دوران مزاحمت تي فائرنگ جي نتيجي ۾ قتل/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 28

جيئي سنڌ محاذ پاران ضلعي نوشهروفيروز جي مختلف شهرن احتجاجي مظاهرو

نور محل سينما چوڪ کان چندر ميڊيا سينٽر تائين هٿن ۾ پلي ڪارڊ کڻي مظاهرو ڪيو

ڳاڙها جهنڊا کڻي ايس ايس پي نوشهروفيروز هٽايو نوشهروفيروز ضلعو بچايو جا نعرا هنيا ويا

ايس ايس پي پنهنجي زميني آقائن کي راضي ڪرڻ لاءِ قومي ڪارڪنن مٿان رڻ ٻاري ڏنو آهي

نوشهروفيروز (رپورٽ: منظور ملڪ) جيئي سنڌ محاذ پاران ضلعي نوشهروفيروز جي مختلف شهرن ۾ قومي ڪارڪنن مٿان ڪوڙا ڪيس داخل ٿيڻ خلاف نور محل سينما چوڪ کان چندر ميڊيا سينٽر تائين هٿن ۾ پلي ڪارڊ ۽ ڳاڙها جهنڊا کڻي ايس ايس پي نوشهروفيروز هٽايو نوشهروفيروز ضلعو بچايو جا نعرا هڻندي اڳواڻن عرفان ڏاهري خليل شر نعمان ٻهر چيزعلي ٻهر ۽ ٻين/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 30

نوشهروفيروز: قومي ڪارڪنن مٿان ڪيس داخل ٿيڻ خلاف جسم پاران احتجاج ڪيو پيو وڃي

رائونتي جي ڪچي واري علائقي ۾ پوليس ۽ ڌوهارين وچ ۾ فائرنگ جي ڏي وٺ

ميرپورماٿيلو (رپورٽر) رائونتي جي ڪچي واري علائقي ۾ پوليس ۽ ڌوهارين وچ ۾ شديد فائرنگ جي ڏي وٺ پوليس پاران فائرنگ ۾ ٻه ڌوهاري زخمي ڪرڻ جي دعوي ڌاڙيلن جي فائرنگ ۾ هڪ پوليس اهلڪار شديد زخمي ڳڻتي جوڳي حالت ۾ رحيم يارخان اسپتال منتقل ڌوهارين جو گهيرو تنگ ڪري ورتو آهي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 32

شهر واهي پانڌي جي سرڪاري اسپتال ۾ نرس سان زيادتي جي ڪوشش، احتجاج

جوابدار جي گرفتاري لاءِ شهرين جو گورڪ چونڪ تي مظاهرو ڪرڻ بعد ڌرڻو هنيو ويو

ڊيوٽي ڪندڙ نرس سان پوليس اهلڪار رياض جمالي ۽ زيادتي جي ڪوشش ڪئي: مظاهرين

گرفتار ڪري سخت سزا ڏئي نرس کي تحفظ فراهم ڪيو وڃي ٻئي صورت احتجاج جاري رکيو ويندو

دادو (ن سنڌيار) دادو جي ڪاڇي جي شهر واهي پانڌي جي سرڪاري اسپتال ۾ نرس سان زيادتي جي ڪوشش ڪندڙ جوابدار جي گرفتاري لاءِ شهرين جو گورڪ چونڪ تي احتجاجي مظاهرو ڪرڻ بعد ڌرڻو هنيو ويو ان موقعي تي صحافين سان ڳالهائيندي اڳواڻن نواز رستماڻي، شاهه نواز، عبدالله لغاري، محمد رستماڻي ،مولا بخش لغاري ۽ ٻين چيو ته واهي پانڌي اسپتال ۾ رات واري/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 34

*** روزاني سنڌيار سکر پبلشر اي حسين، سم پرنٽنگ پريس بي آر ٽاور چندريگر روڊ ڪراچي مان ڇپرائي سکر آفيس گهر نمبر سي 92، دهلي مسلم هائوسنگ سوسائٽي ايئرپورٽ روڊ سکر مان پڌري ڪئي وئي***

روزاني
ايڊيٽر: اعجاز مهر
سنڌيار
Daily SINDHYAR
www.dailysindhyar.com

چنڇر 10 جون 2023ع

عوام جو ڀ تہ ڪو استحقاق آهي!

هونئن تہ 'گهوسٽ' يا گوسڙو هجڻ جا الزام هيستائين رڳو استادن تي ئي ايندا رهيا آهن، پر سنڌ اسيمبليءَ جي گذريل اجلاس دوران اسيمبلي ميمبرن جي غير حاضريءَ بابت اشتهار اخبارن ۾ ڇپرائڻ جي حوالي سان اسپيڪر آغا سراج دُرانيءَ پاران ڏنل وارننگ کان پوءِ عوام تي اهو آشڪار ٿيو آهي تہ، چونڊيل ايوانن ۾ عوام جا نمائندا بہ 'گهوسٽ' يا گوسڙو آهن، جيڪي نہ صرف پگهارون ۽ عوامي نمائندگيءَ جون مراعتون ۽ مالي فائدا تہ سڀ حاصل ڪن ٿا، پر اهي اسيمبليءَ ۾ اچي عوامي نمائندگيءَ جو حق ادا ڪرڻ لاءِ تيار ناهن. سنڌ اسيمبلي جي اسپيڪر آغا سراج دراني ايوان ۾ ايم پي ايز جي لاڳيتي غير حاضري تي ناراضگي ظاهر ڪندي چيو آهي تہ جيڪي ميمبر اجلاس ۾ نٿا اچن، رڳو گهرن ۾ ويهي اجلاس جي ڪارروائي پيا ڏسن، انهن جي ڳولا لاءِ سندن تصويرن سان گڏ اخبارن ۾ اشتهار ڏنا پوندا.

سينيٽ هجي يا قومي اسيمبلي، يا وري صوبائي اسيمبليءَ جو اجلاس، چونڊيل ميمبرن جي تمام گهٽ حاضري مشاهدي ۾ ايندي رهي آهي. گهڻي ڀاڱي ميمبر غير حاضر رهندا آهن. ايتري قدر جو اڪثر وزير باتدبير ايوان ۾ ميمبرن يا ڪميٽين جي سوالن جا جواب ڏيڻ لاءِ موجود نہ هوندا آهن. جڏهن ايوان کان ٻاهران ان حوالي سان ڪا تنقيد ٿئي ٿي تہ معزز ميمبرن جو استحقاق مجروح ٿي پوي ٿو. جي جان جي امان ملي تہ اهو سوال پڇڻ جي جسارت ڪري سگهجي ٿي تہ، ڇا عوام جو بہ ڪو استحقاق آهي؟ عوام جي ووٽ جو بہ ڪو تقدس آهي؟ ڇا عوام کي رڳو ووٽ ڏيندڙ مشين سمجهيو ٿو وڃي، جنهن جو ڪم انهن کي اعليٰ ايوانن تائين پهچائڻ آهي ۽ بس! چونڊيل نمائندن کي پگهار ۽ ٻيون مراعتون عوام جي ٽيڪس واري ناڻي مان ملن ٿيون. چونڊيل نمائندن کي اهو سوال پنهنجي پاڻ کان ڪرڻ گهرجي تہ ڇا اهي عوامي نمائندگيءَ وارو پورو حق ادا ڪري رهيا آهن؟ سمجهڻ جي ڳالهہ اها بہ آهي تہ، انهن عوامي نمائندن جو بنيادي ڪم قانون سازي آهي پر جڏهن چونڊيل نمائندا ايوان ۾ ئي نہ ايندا تہ پوءِ قانون سازي ڪيئن ٿي سگهندي؟ اسان وٽ اڪثر ڪري ائين ٿيندو آهي تہ سرڪاري ڌر اهو سمجهي ويٺندي آهي تہ اهي جيئن تہ 'سرڪار' آهن، 'بادشاهہ' آهن، اهي ڪنهن جي اڳيان جوابده ڇو هجن! ان ڪري اهي مخالف ڌر جي هر رٽ ۽ تجويز کي رد ڪرڻ تي هريل آهي، اهو ڄاڻندي بہ تہ اختلافِ راءِ جمهوريت جو حسن آهي. ٻئي طرف مخالف ڌر اهو سمجهي ويٺندي آهي تہ هر ڳالهہ جي مخالفت ڪرڻ ان جو فرض آهي. ذهنيت جي اهڙي جڙت سبب ايوان يا تہ گوڙ گهمسان جي ور چڙهيل هوندو آهي ۽ عام لوڪ اهڙي صورتحال لاءِ 'مڇي مارڪيٽ' جو استعارو ڪم آڻيندا آهن يا وري ايوان ميمبرن جي غير حاضريءَ سبب ويران ٻٽيل هوندو آهي. هاڻي تہ نئين مالي سال جي بجيٽ سبب ميمبرن جي ان اجلاس ۾ حاضري انتهائي ضروري بڻجي ٿي. ان اجلاس ۾ بجيٽ تجويزن تي بحث ٿيڻو آهي. نيون رٿون سامهون اچڻيون آهن. بجيٽ منظور ٿيڻي آهي. مطلب تہ سڄي سال جي مالياتي رٿابندي ان اجلاس ۾ سامهون اچڻي آهي.

قانون سازي هڪ انتهائي سنجيده معاملو آهي. عوام پنهنجا نمائندا چونڊي ان اهم مقصد لاءِ ايوان ۾ موڪليندو آهي، پر جڏهن اهي نمائندا ايوان ۾ وڃڻ جي ضرورت ئي محسوس نہ ڪن تہ ڇا اهي عوامي نمائندگيءَ جو حق ادا ڪري رهيا آهن؟ اسان ان راءِ جا آهيون تہ قانون سازن جي اهڙي روش جي حوالي سان پڻ قانونسازي ٿيڻ گهرجي، ڇو تہ اهو تڪ جي عوام جي نمائندگيءَ جو معاملو آهي. بجيٽ سيشن ۾ تہ ورلي ئي ڪو نمائندو غير حاضر هوندو آهي، خاص طور تي مخالف ڌر مان، جو اڪثر ڪري ڏٺو اهو ويو آهي تہ ان سيشن ۾ گوڙ گهمسان ٿيندو آهي. بجيٽ جون ڪاپيون ڦاڙڻ کان بہ نہ ڪيٻايو ويندو آهي. سرڪاري ڌر وري ان گهمسان ۾ 'ڊيسڪون' وڄائي شريڪ ٿيندي آهي. باقي سڄو مدو جيڪي اجلاس ٿيندا آهن، انهن ۾ ڪيترائي ميمبر شريڪ ناهن ٿيندا. اسان ايوان ۾ عوامي نمائندن جي غير حاضريءَ کي ڳڻتيءَ جي نگاهہ سان ڏسون ٿا. معاملو عوام جي نمائندگيءَ جو آهي ۽ عوام جو بہ تہ ڪو استحقاق آهي!

غير جانبدار پرڏيهي پاليسيءَ جي ضرورت

ڊاڪٽر عبدالمجيد چانڊيو

پاڪستان جي پرڏيهي پاليسي جو گهرائي سان مطالعو ڪبو تہ خبر پوندي تہ اها گذريل پنجهتر سالن کان هڪ ئي رخ تي هلي رهي آهي. آمريڪا ۽ مغرب دوستي، ڪشمير جي خود مختياري، تيل جي دولت سان مالامال عرب ملڪن سان ديني پائيچارو ۽ ترقي پذير ملڪن ۽ عالمي مالياتي ادارن کان امداد ۽ اوڌر وٺڻ جهڙا نقطا اسان جي پاليسي جو محور رهيا آهن. جڏهن تہ دنيا جون ترقي يافتہ قومون هر ڏهين سال پنهنجين پاليسين ۾ وڏي چنڊ ڇاڻ ڪان پوءِ نيون راهون ۽ نوان رستا اختيار ڪنديون آيون آهن. ياد رکڻ گهرجي تہ ڪنهن بہ خومختيار Sovereignرياست جا قومي مفاد ڪڏهن بہ جامد يا مستقل رهي نٿا سگهن، بلڪ انهن جون سياسي، معاشي ۽ ٻيون ترجيحون تبديل ٿينديون رهن ٿيون. دنيا جي ڪيترن ملڪن خاص طور پاڙيسري ملڪ ڀارت ۽ اسلامي برادر ملڪ مصر سان گڏ آمريڪا، سوويت يونين (موجوده روس) ۽ چين وغيره جا مثال ان ڏس ۾ پيش ڪري سگهجن ٿا پر ڪالم جي طوالت جي خوف سبب ان جي اپٽار هتي نٿي ڪري سگهجي.

عمران خان جي دور ۾ دنيا اندر پاڪستان ڏري گهٽ اڪيلاپ ۽ ويڳاڻپ جو شڪار ٿي چڪو هو ان جو سبب پرڏيهي پاليسي ڏانهن سندس غير سنجيده رويو هو جيتوڻيڪ 1998ع ۾ ايٽمي ڌماڪن وقت پاڪستان اڪيلاپ سان گڏ هٿيارن ۽ اقتصادي پابندين جو شڪار ضرور ٿيو هو پر عمران خان جي دور جي ويڳاڻپ جا رنگ ئي نرالا هئا، جتي رياست کي اهميت بدران ملڪ جي فوجي سربراهہ کي دنيا ۾ اهميت ملي رهي هئي قرض ۽ امداد جا واهڙ وهي رهيا هئا. جنهن تي پرڏيهي آفيس ۾ تہ افسوس ضرور پيئي ٿيو پر رياستي حڪمران خوش هئا. جن اها دعوى پئي ڪئي تہ "تبديلي اڳئي" ۽ هو نئين پاليسي ترتيب ڏيئي رهيا آهن پر عالمي سياست جا شاگرد حيرت ۾ ضرور هئا.

ماضيءَ جي مختلف دورن ۾ اسانجي سيڪيورٽي ۽ سياسي اسٽيبلشمنٽ کي پاڪستان جي پرڏيهي پاليسي نئين سر تعمير ڪرڻ لاءِ ڪيترائي موقعا ميسر ٿيا، جن ۾ ايوب خان، ذوالفقار علي ڀٽو، ميان نواز شريف ۽ پرويز مشرف جا نالا سر فهرست آهن. جيڪي عالمي سياست ۾ پاڪستان کي هڪ نئين ۽ بهتر رخ ڏانهن وٺي وڃڻ جي صلاحيتن سان مالا مال هئا پر سندن دوربين نگاهہ شايد ان جو صحيح تجزيو ڪرڻ ۾ ناڪام وئي يا وري هنن ڪنهن وڏي تبديليءَ جي خفي ۾ ئي پوڻ نہ پئي چاهيو مٿين چئن نقطن، جن تي اسان جي پرڏيهي پاليسي استوار ڪئي وئي آهي، ان جو تجزيو ڪبو تہ اها گهڻي قدر ناڪام نظر ايندي. آمريڪا سان اتحاد پاڪستان کي ٻہ ٽڪرا ٿيڻ کان نہ بچائي سگهيو ڪشمير جو مسئلو زنده رکڻ جي ڪوشش ڪندي ڪنٽرول لائن ڪشميرين کي پارتي آئين ۾ ڏنل خصوصي اهميت وڃائي ويناسون. ٻاهريان قرض ۽ امداد حاصل ڪرڻ جي شوق ۾ مورڳو ڊيفالٽ ٿيڻ جي حالت کي اچي پهتا آهيون. ان صورتحال ۾ پاڪستان کي هن وقت دنيا اندر پنهنجي پاليسي کي نئين سر استوار ڪرڻ ۽ يڪسانيت مان نڪرڻ جي ضرورت آهي پر اهي "اوکا پنڌ پهاڙ جا" آهن انهن اوکن پنڌن تي هلڻ لاءِ سيڪيورٽي ۽ سياسي اسٽيبلشمنٽ کي گڏجي سوچڻ گهرجي. ڇاڪاڻ تہ عالمي سياست ۾ هن وقت پاڪستان تمام ڏکئي دور مان گذري رهيو آهي ۽ جذبات ۾ اچي آمريڪا يا چين مان هڪڙي کي چونڊڻ جي ڳالهہ ڪئي پئي وڃي، پر عقل ۽ سفارتڪاري جي اها تقاضا آهي تہ چين ۽ آمريڪا جي جهيڙي ۾ اسان کي اسي واري ڏهاڪي ۾ اختيار ڪيل پاليسين کان ڪناره ڪشي اختيار ڪرڻي پوندي. ساڳئي وقت سوويت روس سان اختيار ڪيل پاليسي واري تجربي کي دهرائڻ کان پرهيز ڪرڻو پوندو. ڪنهن بہ طاقت جو سڌو سنئون ساٿ ڏيڻ بدران غير جانبدار رهڻ جي ضرورت آهي.

دنيا اندر چين هڪ اقتصادي ۽ سياسي طاقت طور نڪري نروار ٿيو آهي. سندس GDPجو ڪاٿو 10 ٽرلين ڊالر بڌايو وڃي ٿو آمريڪا سندس طرفان وڇايل Thucydides trap ۾ ڦاسي چڪو آهي پر پاڪستان کي پنهنجي سياسي ۽ معاشي حالت کي نظر ۾ رکندي اهڙي ڪنهن بہ جار ۾ ڦاسڻ يا ڌر بڻجڻ کان پاڻ بچائڻو پوندو. چين جي ڪري آمريڪا سان دوستاڻا لاڳاپا خراب نہ ڪرڻ گهرجن ۽ نہ ئي سعودي ۽ امارات جو پچ لتڪائو ٿي آمريڪا جهڙي عالمي طاقت کان منهن پاسيرو ڪرڻ گهرجي. درحقيقت آمريڪا ۽ عربن جو ناتو رشتو ازلي آهي. جيڪو ڪن سببن ڪري عارضي طور خراب ٿيل آهي. انهن مان هڪ سبب بائيڊن جون انساني حقن متعلق سخت پاليسيون آهن ۽ عرب انساني حقن جي لتاڙ ۾ اسان پاڪستانين کان بہ وکون اڳتي آهن. هونئن بہ تاريخي طور آمريڪا جا ڊيموڪريٽس انساني حقن جي پائمالي متعلق رڏيڪ حساس رهندا آيا آهن. پيو بائيڊن جي عمر کي مدنظر رکندي ڏسبو تہ هو هينئر جهور ڪراڙو ٿي چڪو آهي ۽ تقرير ۾ ڪانئس ڪي ڳتا يا غير سياسي لفظ بہ نڪري ٿا وڃن. جيئن سال ڏيڍ اڳ هن پاڪستان کي عالمي امن لاءِ خطرو قرار ڏنو هو اهو بہ نہ وسارڻ گهرجي تہ آمريڪا جي مقابلي ۾ چين معاشي ۽ ملٽري نقطهءِ نظر کان اڃا پنجويهہ سال پوئتي آهي. آمريڪا عالمي طاقت طور وچ اوڀر ۾ پنهنجا فوجي اڏا قائم ڪيو ويٺو آهي. آمريڪا جو پنجون بحري آرماڙ مستقل طور گلف جي نگراني تي مامور آهي جيڪو بحرين جي اڏن تان لاجسٽڪ جي سهولت حاصل ڪري رهيو آهي. جڏهن تہ هن خطي ۾ چين جو فقط جبوتي ۾ قائم ڪيل هڪڙوئي بحري اڏو آهي.

ٻئي طرف عربن جا وري پنهنجا قومي مفاد آهن خاص طور سعودي عرب ۽ امارات جي حڪمران گهراڻي جون پاليسيون تيل مان وڌ ۾ وڌ ناڻو ڪمائڻ تي ڪاربند آهن. اهوئي سبب آهي تہ يوڪرائين جنگ هلندي تازو ئي عربن بائيڊن جي هر عرضداشت کي ٺڪرائيندي تيل جي پيداوار گهٽائڻ جو اعلان ڪيو آهي. جنهن سان تيل جي اڳهن ۾ واڌ ٿيندي پر عرب جهجهو پئسو ڪمائڻ ۾ ڪامياب ويندا ۽ مستقبل جي پراجيڪٽن کي مڪمل ڪري سگهندا. آمريڪا عربن جا نخرا تہ برداشت ڪري سگهي ٿو پر پاڪستان لاءِ وٽن ڪا گنجائش ڪانہ آهي عالمي سياست ۾ مستقل دوستي بدران قومي مفاد مستقل هوندا آهن. تنهنڪري اسان کي پنهنجن قومي مفادن کي ترجيح ڏيڻ گهرجي.

پرڏيهي پاليسي جي ٻين ٽن نقطن کي ڇڏي اسان کي پرڏيهي پاليسي جو محور پارٽ کي بنائڻ گهرجي. ساڳئي وقت پارٽ سان هٿيارن جي ڊوڙ کان پاسيرو رهندي اقتصادي ۽ معاشي لاڳاپا بهتر ڪرڻ گهرجن. اسان کي اهو سمجهڻ جي ضرورت آهي تہ عالمي سياست ۾ پارٽ پاڪستان جو نہ پر چين جو مد مقابل آهي. تنهنڪري پارٽ کي آمريڪا ۽ يورپي يونين وٽ اسان کان وڌيڪ پذيرائي ملي رهي آهي. جنهن جو سبب سندس وقت پٽاندڙ پاليسيون آهن. پارٽ يوڪرائين جنگ ۾ آمريڪا کي پلئيءَ ۾ چرو هڻندي وڃي روس سان گڏ بيٺو روس خلاف گڏيل قومن جي جنرل اسيمبلي جي قراردادن کان وٺي اقتصادي پابندين تائين. پارٽ آمريڪا بهادر جي هڪ بہ نہ ٻڌي. ان باوجود آمريڪا وٽ پارٽ کي جيڪا اهميت حاصل آهي. ان جو سبب چين ۽ چين جي وڌندڙ اقتصادي طاقت آهي. جنهن جو مقابلو ايشيا پئسفڪ ريجن ۾ فقط پارٽ ئي ڪري سگهي ٿو انهيءَ ريجن ۾ آمريڪا جا طاقتور اتحادي ملڪ فقط جاپان ۽ آسٽريليا آهن. تنهنڪري کيس پارٽ جي مدد جي ضرورت آهي. عالمي سياست تي ڪا بہ اڳڪٿي ڪرڻ غلط عمل آهي پر مستقبل جو سياسي منظرنامو اهو ٻڌائي ٿو تہ آمريڪا ۾ بائيڊن جي رخصتي کان پوءِ دنيا اندر موجوده ڇڪتاڻ ۾ ٺاپر اچڻ جا امڪان آهن. يورپ ۾ امن اچي سگهي ٿو ۽ عرب يرجع الىٰ اصلہ يعني آمريڪا سان بهتر ناتا استوار ڪري وٺندا. تنهنڪري بلاول ڀٽي کي پنهنجي نانا جي پاليسين تي هلڻ بدران معروضي حالتن مطابق ڪم ڪرڻ جي ضرورت آهي. هن ايڪيهين صديءَ جي عالمي سياست جون نيون گهرجون ۽ تقاضائون آهن. پاپولزم ۽ نلهي واهہ واهہ فقط پاڪستان ۾ رائج آهي. جنهن جي پرڏيهي پاليسي ۾ ڪا گنجائش نظر نٿي اچي.

ڍاهڻي ڏنم ڪيترا، جنين ماريو موڪ:
گهر ۾ گهاتوئڙن جا، تا مارينم ٿوڪ:
لڏي وڃان لوڪ، اونهي ويا اوهري

ڇا عوام کي رليف ملي سگهندو!؟

سارنگ امر

معيشت ڳريل آهي. مئي ۾ مهانگائيءَ جي شرح 38 سيڪڙو رهي. اهو عالمي بئنڪ چيو. ملڪ جا عام ماڻهو بکئي پيٽ سمهي راتيون گهاري رهيا آهن. آءِ ايم ايف جي مهربانيءَ لاءِ حڪومت سڪي پئي. وقت گذرڻ سان گڏ حڪومت جي مايوسي ان سلسلي ۾ وڌي رهي آهي. عوام کي ڪجهہ ڏيڻ لاءِ نہ پر سرڪاري قوتن لاءِ پاڪستان ۾ ملڪ جي سڀ عوام کي نہ سمجهيو ويندو آهي، غير عوامي قوتن کي سمجهيو ويندو آهي. يعني ابتو ڪم. ذوالفقار علي ڀٽو مٿئين طبقي مان اهڙو سياستدان هو جنهن پ پ ناهي تہ اُٿو لُٽو اجهوان جي منشور ۾ رکيائين. اهو نڪتو بہ رکيائين تہ طاقت جو سرچشمو عوام آهي. اڳ ۾ طاقت جو سرچشمو مارشل لا هو. ايئن ئي ان پارٽيءَ جي بنيادي دستاويز ۾ هو تہ اسان جي معيشت سوشلزم هوندي. تڏهن عوام پ پ کي پسند ڪيو. ڇو تہ ان عوام جي حقن جو مطالبو پئي ڪيو. اُٿو لُٽو اجهو!اڄ عوام جا حق ان ئي پارٽيءَ لاءِ اوپرا آهن. جيئن ان جا سچا ڪارڪن ان لاءِ اوپرا ٿي ويا. سواءِ لُٽو اجهو بہ ڪيس بدل بدل لڳن ٿا. مير چوائي:

مين گريہءِ خوني کو روڪي هي رها ورنہ
يڪدم مين زماني کا رنگ بدل جاتا.

عوام جي ملڪيت عوام جي ئي سامهون لُٽي پئي وڃي پر اهو ڪجهہ نہ پيو ڪري سگهي. ڪچان تہ ڪافر!هن ملڪ ۾ عوام جي حق کي ملڪي مفادن کان ڌار رکيو ويو آهي. غير عوامي قوتون عوام کي سڃاڻن ئي نٿيون.

معيشت، ناڻي بجيٽ، ملڪي ترقي، بحران، استحڪام سڀ ڪجهہ حاڪم طبقي جا لفظ، محاورا آهن. ان طبقي جي ٻولي جي ٻي، محڪوم طبقي جي ٻولي ٻي. مثال طور، جڏهن اهي چوندا آهن تہ قيمتن ۾ استحڪام هجي، پر اهو قيمتن جو استحڪام ان ظالم طبقي لاءِ فائديمند ۽ عوام لاءِ ماتم جو سبب هوندو آهي. مطلب تہ قيمتون گهٽ نہ ٿينديون. ان سان گڏ بدامني، تشدد، تعريبازي گهٽ نہ ٿيندي، پر فورسز وڌندا. جيئن هاڻي اعلان ڪيو ويو آهي تہ 9 مئي جهڙن واقعن جي روڪٿام لاءِ جدا فورس جو بندوبست ڪيو ويندو. برٽريند رسل چيو هو تہ عمومي تحفظ کي وڌائڻ واري هر شئي ظلم کي گهٽائي ٿي، پر جيڪڏهن پاڪستان ۾ رڳو پوليس کي ئي ڏسجي تہ اها ڏوهارين جي فيڪٽري آهي، هتي تہ عوام کي ڪو بہ رليف ڏيڻ بدران فورسز تي فورسز پيا ٺهن.

9 مئي بعد ڪورٽن ۽ حڪومت وچ ۾ اڻ وڻندڙ جملن جي ڏي وٺ رڪجي وئي ۽ عمران خان هڪ وڏيڪ يو ٽرن ورتو. هو هاڻي هر سياستدان سان ڳالهائڻ لاءِ تيار ٿي ويو آهي. يعني انهن سان بہ، جن کي هو چور ڌاڙيل چوندو هو. چوڌري پرويز الاهي کي هو پنجاب جو سڀ کان وڏو ڌاڙيل چوندو هو پوءِ کيس پنهنجي پارٽي پي ٽي آءِ جو صدر مقرر ڪري ڇڏيائين. ان کان اڳ کيس پنجاب جو وڏو وزير ڪرايائين. ان جي ئي هٿان پنجاب اسيمبلي ٽوڙايائين، پوءِ ڪي پي اسيمبلي بہ ٽوڙايائين. اها هڪ اٽڪل ڪيائين تہ جيئن قومي اسيمبلي ۽ وفاقي حڪومت برطرف ڪئي وڃي. پر ان ۾ هو ناڪام ٿيو ۽ سندس ساڄي ڪاٻي رهندڙ فواد چوڌريءَ اعتراف ڪيو تہ، صوبائي اسيمبليون ٽوڙڻ واري سندن حڪمت عملي ناڪام ٿي وئي. ان جي ٻي ٽي آءِ مان ڪنهن بہ ترديد نہ ڪئي. هاڻي جڏهن هو هر ڪنهن سان ڳالهائڻ لاءِ تيار ٿيو آهي تہ پي ڊي ايم مان ڪير بہ ساڻس ڳالهائڻ لاءِ تيار ناهي. جڏهن تہ 5 مئي تائين پ پ وارا اهڙيون ڳالهيون ڪري رهيا هئا، جڻ هنن پي ٽي آءِ کي ڳالهائڻ لاءِ اجهو بلاول هائوس دعوت ڏني. اسڪينڊلن جي بادشاهہ عمران خان تي ڊڙا ڊڙ ڪيس داخل ڪيا پيا وڃن. ڪرونا اسڪينڊل کي ڇڏي ڪري. حماد اظهر اڃا بہ استيند وٺي رهيو آهي، جي: هاڻوڪي حڪمرانن صنعت ۽ ڪاروبار کي وڏو ڌڪ رسايو آهي. هنن کان ملڪ نہ ٿو هلي پر حڪومت ڪرڻ جو وڏو شوق اٿن. هنن اڳ رات ڏهين وڳي، هاڻي مورڳو 8 وڳي ڪاروبار بند ڪرڻ جو نامناسب فيصلو ڪيو آهي. جيڪو ڪاروبار کي وڏو نقصان رسائيندو ان فيصلي تي عمل ممڪن ناهي. اڳي بہ اهڙا فيصلا ڪيا ويا، انهن جي مٽي پليت ٿي.

حماد سان گڏ شاهہ محمود بہ اهڙي ٻولي نہ ٿو ڳالهائي، جنهن مان لڳي تہ هو پي ٽي آءِ ٽوڙي عمران خان کان پاسي ٿي ٿيندو. کيس پي ٽي آءِ سان پڌل رکڻ لاءِ عمران خان ٽورا ڏينهن اڳ اعلان ڪيو تہ جيڪڏهن هو جيل ويو يا منظر تان هٽايو ويو تہ شاهہ محمود سندس جاءِ وٺندو. شاهہ محمود مهينو قيد رهي آيو آهي. پرويز خٽڪ سميت باقي سڀ ڍير ٿيل آهن. هنن جي سياست انقلابي سياست نہ پر لاڏلاڻپ واري سياست آهي ۽ يقينن هوا جا بہ لاڏلو آهي. دنيا جي طاقتور ترين مافيا جو ۽ پنهنجي انهن ڪارڪنن جو، جيڪي ملڪ جي ايليٽ گروپن منجهان آهن.

چيو پئي ويو تہ عمران خان وزير اعظم ٿيڻ کان اڳ جن جي ڪلهن تي چڙهي پنهنجي سياسي مهم هلائي هئي، سي مڊل ڪلاس منجهان آهن. سو عمران خان مڊل ڪلاس جو نمائندو آهي، پر اهو معيار سياست ۾ هجي ها تہ ڇنجي ها پ پ پورهيت طبقي جي نمائنده پارٽي آهي، ڇو تہ ان جي حمايت محنت ڪش ماڻهو ڪن ٿا. ان کان اڳ ايم ڪيو ايم لاءِ بہ اهو چيو ويو هو تہ اها مڊل ڪلاس جي نمائندگي ڪري رهي آهي. عمران خان پارٽي کي حڪومت ۾ حصو مليو تہ اها سئو سيڪڙو سرمائيدارن جي پارٽي ثابت ٿي وئي ۽ سرمائيدار آمريڪا سان ٻڌل آهن. آمريڪا جي 66 سينيٽرن عمران کي ڪارروائي کان بچائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. ان ڪانسواءِ 7 جون تي آمريڪي پرڏيهي کاتي جي هڪ ترجمان ويدانت پٽيل چيو آهي تہ پاڪستاني سياست پاڪستاني عوام جو معاملو آهي، اهو پنهنجا فيصلا پاڻ ڪندو. عوام کي فيصلي جو حق ڏنوئي نہ ٿو وڃي. عوام کي جڏهن ان جي ئي ملڪ ۾ زنده رهڻ جو حق نہ ٿو ڏنو وڃي تہ وڏا فيصلا ڪرڻ جو حق ڪٿي ملندو!؟

بقايا *** 01

آهن. ناميارو صحافي حسن ايوب جو چوڻ آهي تہ چيف جسٽس ڌر بڻجي اهڙي انتها تي هلي ويو جو سندس جج بہ اهو محسوس ڪرڻ لڳا تہ هاڻي هو ذاتيات تي لهي آيو آهي.ناميارو صحافي عمران وسيم سان ڳالهائيندي صحافي حسن ايوب چيو تہ سنڌ جي ڪوٽا تي سپريم ڪورٽ ۾ آيل جج تہ چيف جسٽس کان پاسائتا ٿي ويا آهن. ان جو ڪارڻ 9 مئي کانپوءِ تبديل ٿي ويل حالتون بہ آهن ۽ چيف جسٽس جو پارليامينٽ جي قانونن کي پنهنجي ذات جي ٿٺا ڦرو ڏسڻ ۽ انهن تي بنا آئيني جواز عمل روڪڻ بہ آهي. صحافي حسن ايوب اهو بہ انڪشاف ڪيو تہ جسٽس قاضي فائز عيسيٰ جو ايندڙ نئين چيف جسٽس طور مقرريءَ جو نوٽيفڪيشن ڪجهہ ئي ڏينهن ۾ جاري ڪرڻ جو بہ فيصلو ٿي چڪو آهي جنهن ڪانپوءِ هاڻوڪي چيف جسٽس جي اهميت گهٽجي ويندي ڇو تہ هر ماڻهوءِ جون اکيون نئين چيف جسٽس تي ڪتل هونديون. اها انساني فطرت آهي تہ ويندڙ کي ڪير ڪيڪاريندو بہ ناهي ۽ ايندڙ کي هر ڪو سلام ڪندو رهندو آهي. هڪ سوال جي جواب ۾ چيو تہ افتخار چوڌري جي چيف جسٽس طور مقرريءَ جو نوٽيفڪيشن مقرر تاريخ کان 6 مهينا اڳ جاري ٿيو هو ان ڪري جسٽس فائز عيسيٰ جو 2 مهينا اڳ نوٽيفڪيشن جاري ٿيڻ حيرانيءَ جي ڳالهہ نہ آهي.

بقايا *** 02

سبب معيشت کي تمام گهڻو نقصان پهتو. 30 ارب ڊالرن جو معاشي نقصان ٿيو. عالمي ڪساد بازاري سبب پاڪستان کي اربين ڊالرن جي وڌيڪ رقم سامان جي مد ۾ ادا ڪرڻي پئي. هن چيو تہ اسان پيهر آءِ ايم ايف سان گڏ ويٺا آهيون. انهن جون شرطون قبول ڪيون ويون آهن ۽ ان تي مڪمل عمل ڪيو ويو آهي. پر عملي سطح جو معاهدو اڃا تائين صحيح ناهي ٿيو هن چيو تہ پر اميد رکڻ گهرجي تہ آءِ ايم ايف جو 9 هون جائزو هن مهيني مڪمل ٿي ويندو. آءِ ايم ايف جي ايم ڊي سان هڪ ڪلاڪ فون تي ڳالهہ ٻولهہ ڪئي. اهڙو ڪجهہ بہ ناهي بچيو جيڪو آءِ ايم ايف معاهدي ۾ رڪاوٽ بڻجي. اميد آهي تہ آءِ ايم ايف معاهدي جي منظوري ڏني ويندي. وزيراعظم چيو تہ عام ماڻهو تي مهانگائي جو بار آهي. مهانگائي هر طرف آهي. ملڪ جي ناقص حڪومت معيشت کي تباهہ ڪري ڇڏيو چين اسان سان ڀرپور سهڪار ۽ معاشي سهڪار ڪيو. سعودي عرب ۽ يو اي اي جي مدد تمام گهڻي مدد ڪئي. اسان جو هٿ پڪڙيو ۽ اسان کي 3 بلين ڊالرن جي مدد ڪري. هن چيو تہ ڪنهن بہ ملڪ ۾ سياسي استحڪام نہ ايندو، ترقي نٿي ٿي سگهي. سياسي استحڪام ڪانسواءِ اربين ٽريلين اچلائڻ جو ڪو بہ فائدو ناهي.هن چيو تہ مهانگائي جي ڪري غريب ماڻهو بيهوش ٿي ويو آهي. اسان جي وڏي ذميواري آهي تہ انهن جي پگهار گهٽ ۾ گهٽ وڌايون تہ جيئن هو پنهنجي ٻارن جو بهتر پالي سگهن ۽ انهن جون بنيادي ضرورتون پوريون ڪري سگهن. اسان کي انهن جو بہ خيال رکڻو پوندو.

بقايا *** 03

۾ مارجي ويو.افغانستان جي شهر ڪنڙ ۾ مارجي ويل پاڪستان جو دشمن ثناالله غفاري خطرناڪ دهشتگرد هو جيڪو نہ رڳو پاڪستان پر عالمي سطح تي بہ انتهائي گهربل هو.دهشتگرد ثناالله ۽ سندس گهر ڀاتي پارت ڪان لڏي افغانستان آيا هئا. سندس واسطو افغانستان جي شهر ڪابل سان هو ۽ هن ڪابل مدرسي مان مذهبي تعليم حاصل ڪئي

هئي.دهشتگرد ثناالله غفاري ايران، ازبڪستان، تاجڪستان، پاڪستان ۽ افغانستان ۾ مختلف حملن ۾ شريڪ رهيو. هو اپريل 2020ع کان اسلامڪ اسٽيٽ خراسان صوبي جو اڳواڻ هو جيڪو سمورن آپريشنز جو ماسترمائنڊ ۽ هيڊ آف آپريشنز بہ هو.ڊسمبر 2021ع ۾ گڏيل قومن، آمريڪا ۽ يورپي يونين کيس عالمي دهشتگرد قرار ڏنو هو. گڏيل قومن، آمريڪا ۽ يورپي يونين مٿس هڪ ڪروڙ ڊالر انعام مقرر ڪيو هو دهشتگرد ثناالله غفاري پاڪستان ۽ دنيا ۾ گهڻن حملن جو ماسترمائنڊ ۽ آپريشنز ليڊر نامزد رهيو. هو ڪابل ۾ پاڪستاني سفارتخاني ۽ امام بارگاهہ قصہ خواني بازار پشاور تي حملن ۾ ملوث هو جڏهن تہ هو ننگر هار افغانستان ۾ جيل بريڪ، ازبڪستان ۽ تاجڪستان ۾ راڪيٽ حملن ۾ ملوث هو هن ايران ۾ شاهہ چراغ مزار ڌماڪو ۽ مزار شريف افغانستان ۾ مسجد تي حملا بہ ڪيا هئا.

بقايا *** 04

ڪيو پيو وڃي. ان کان ڪانسواءِ اقليتن، رانديگرن ۽ شاگردن جي ڀلائي لاءِ بہ فنڊز آهن، مستقبل جي پينشن جي خرچن جي ذميواري کي پورو ڪرڻ لاءِ پينشن فنڊ قائم ڪيو ويندو

بقايا *** 05

ارب رپيا آهي، جنهن ۾ صوبن جو حصو 52 کرب 76 ارب رپيا هوندو، وفاقي نان ٽيڪس روينيو 29 کرب 63 ارب رپيا هوندو، وفاقي حڪومت جي ڪل آمدني 68 کرب 87 ارب رپيا ٿيندي، وفاقي حڪومت جي ڪل خرچن جو ڪاٿو 144 کرب 60 ارب رپيا آهي، جنهن مان 73 کرب 3 ارب رپيا سود جي ادائيگي تي خرچ ٿيندا. بجيٽ دستاويز موجب فيڊرل بورڊ آف روينيو (ايف بي آر) جي ٽيڪس اوڳاڙي جو هدف 92 کرب 50 ارب رپيا رکيو ويو آهي، جنهن مان سڌي ريٽ ٽيڪس وصولي جو حجم 37 کرب 59 ارب رپيا هوندو، جڏهن تہ اڻ سڌي طرح ٽيڪسن جو حجم 100 ارب رپيا هوندو. 54 کرب 41 ارب رپيا ٿي ويندا. ان کان علاوه غير ٽيڪس آمدني 29 کرب 63 ارب رپيا هوندي. ناڻي واري وزير چيو تہ ايندڙ سال پبلڪ سيڪٽر ڊولپمينٽ پروگرام (پي ايس ڊي پي) لاءِ 9.50 ارب رپيا بجيٽ مختص ڪئي وئي آهي. ان کان علاوه پبلڪ پرائيويٽ پارٽنرشپ ذريعي 2 کرب 50 ارب رپين جي اضافي رقم ڪانپوءِ مجموعي ترقياتي بجيٽ 11 کرب 50 ارب رپين جي تاريخي بلند ترين سطح تي پهچي ويندي ناڻي واري وزير چيو تہ قومي دفاع لاءِ 18 کرب 4 ارب رپيا مختص ڪيا ويا آهن. گذريل مالي سال دفاعي بجيٽ 15 کرب 23 ارب رپيا هئي، جيڪا هن سال وڌي وئي آهي.هن چيو تہ سول انتظاميا جي خرچن لاءِ 7 کرب 14 ارب رپيا ڏنا ويندا. پينشن لاءِ 7 کرب 61 ارب رپيا مختص ڪيا ويا آهن. بجلي، گيس ۽ ٻين شعبن لاءِ سبسڊي طور 10 کرب 74 ارب رپيا رکيا ويا آهن. آزاد ڪشمير، گلگت بلتستان، خيبرپختونخواهہ ۾ ضم ٿيل ضلعن، بينظير پروگرام، هائير ايجوڪيشن ڪميشن، ريلوي ۽ ٻين کاتن لاءِ 14 کرب 64 ارب رپين جي گرانٽ مختص ڪئي وئي آهي. ناڻي واري وزير چيو تہ صحافين ۽ فنڪارن لاءِ هيلٿ انشورنس ڪارڊ جاري ڪيا پيا وڃن. ان کان علاوه اقليتن، رانديگرن ۽ شاگردن جي ڀلائي لاءِ بہ فنڊ آهن. مستقبل جي پينشن جي خرچن جي ذميواري کي پورو ڪرڻ لاءِ پينشن فنڊ قائم ڪيو ويندو. بجيٽ تقرير ۾ اسحاق ڊار چيو تہ ايندڙ مالي سال معاشي ترقي جي شرح 3.5 سيڪڙو رهڻ جو اندازو لڳايو ويو آهي. بجيٽ خسارو 6.54 سيڪڙو ۽ پرائمري سرپلس جي

ڊي پي جو 0.4 سيڪڙو هوندو. ايندڙ مالي سال لاءِ برآمد جو هدف 30 ارب ڊالر جڏهن تہ ترسيل جو هدف 33 ارب ڊالر آهي.ناڻي واري وزير اسحاق ڊار چيو آهي تہ حڪومت ايندڙ مالي سال لاءِ اقتصادي ترقي (جي ڊي پي) جو هدف 3.5 سيڪڙو مقرر ڪيو آهي.ناڻي واري وزير اسحاق ڊار بجيٽ تقرير ۾ چيو تہ سرڪاري ملازمن جي پينشن ۾ واڌ ڪئي پئي وڃي. سرڪاري ملازمن جي گهٽ ۾ گهٽ پينشن 10 هزار مان وڌائي 12 هزار ڪئي پئي وڃي، وفاق جي حدن ۾ گهٽ ۾ گهٽ اجرت 32 هزار رپيا ڪئي پئي وڃي، صوبا ڪندا. ان سلسلي ۾ سندن فيصلو ناڻي واري وزير چيو تہ ايمپلائيز اولڊ ايج بينيفٽ انسٽيٽيوٽ (اي او بي آءِ) ذريعي پينشن حاصل ڪندڙ پينشنرن جي گهٽ ۾ گهٽ پينشن 8500 رپين مان وڌائي 10 هزار رپيا ڪرڻ جي تجويز آهي.ناڻي واري وزير چيو تہ حڪومت قرضدارن جي بيواهن جا 10 لک رپيا قرض ادا ڪندي، نيشنل سيونگ شهيدن جي اڪائونٽ ۾ رقم جمع ڪرائڻ جي حد 50 لک مان وڌائي 75 لک رپيا ڪئي پئي وڃي. اسحاق ڊار چيو تہ بينظير انڪم سپورٽ پروگرام (بي آءِ ايس پي) جي بجيٽ 360 ارب رپين مان وڌائي 400 ارب رپيا ڪئي وئي آهي. ناڻي واري وزير چيو تہ بجيٽ ۾ ريمٽنس ذريعي غير منقول ملڪيت خريد ڪرڻ تي 2 سيڪڙو ٽيڪس ختم ڪيو پيو وڃي. ريميٽنس ڪارڊ جي ڪيٽيگري ۾ نئون هيرا ڪارڊ متعارف ڪرايو پيو وڃي. 50 هزار کان وڌيڪ رقم موڪلڻ وارن کي هيرا جاري ڪيا پيا وڃن ڊالر سالانہ ڪارڊ جاري ڪيو ويندو. بجيٽ تجويزن ۾ چيو ويو آهي تہ قانوني طريقي سان پرڏيهي مائٽا کي فروغ ڏيڻ لاءِ هيليون ترغيب ڏنيون وينديون. اوورسيز پاڪستاني پرڏيهي مائٽا جو سڀ کان اهم ذريعو آهن ۽ ترسيل اسان جي برآمدات جو 90 سيڪڙو حصو آهن. فارن ايڪسچينج ڪارڊز جي ڪيٽيگري ۾ هڪ نئون "ڊائمنڊ ڪارڊ" جاري ڪيو پيو وڃي، جيڪو هر سال 50 هزار ڊالرن کان وڌيڪ پرڏيهي مائٽا موڪلڻ وارن کي جاري ڪيو ويندو. ناڻي واري وفاقي وزير اسحاق ڊار ايندڙ مالي سال 24_2023 جي بجيٽ ۾ فري لانسرز لاءِ ٽيڪس مراعتن جو اعلان ڪيو آهي. ناڻي واري وزير چيو تہ آءِ ٽي ۽ آءِ ٽي سروسز معيشت جا تيزي سان ترقي ڪندڙ شعبا آهن ۽ برآمدات ۾ انهن جو اهم حصو آهي، اهو شعبو ايندڙ سالن ۾ ترقي جو انجڻ ثابت ٿيندو.هن چيو تہ پاڪستان فري لانسرز پنهنجو ڪاروبار ڪرڻ جي حوالي سان دنيا ۾ ٻئي نمبر تي آهي، انهن کي درپيش مسئلن جي حل لاءِ هيليان قدم کنيا پيا وڃن ۽ ان شعبي جي مسئلن کي عام طور تي حل ڪيو وڃي.هن چيو تہ انڪم ٽيڪس جي رعايتي شرح 0.25 سيڪڙو آءِ ٽي برآمدات کي هٿي ڏيڻ لاءِ لاڳو آهي ۽ اها سهولت 30 جون 2026 تائين جاري رهندي. ماحول کي آسان بڻائڻ لاءِ فري لانسرز کي سيلز ٽيڪس جي رجسٽريشن ۽ 24,000 ڊالرن تائين جي سالياني برآمدات تي واپسي کان ڇوٽ ڏني وئي آهي. ناڻي واري وزير چيو تہ انهن لاءِ سادي انڪم ٽيڪس ريٽرن جاري ڪرڻ کان علاوه آءِ ٽي سروس فراهم ڪندڙن کي اجازت هوندي تہ هو پنهنجي برآمدات جو هڪ سيڪڙو ماليت جو سافٽ ويئر ۽ هارڊويئر بغير ڪنهن ٽيڪس جي ايڪسپورٽ ڪري سگهن. انهن درآمدن جي حد 50 هزار ڊالر في سال مقرر ڪيو ويو آهي.اسحاق ڊار چيو تہ آءِ ٽي سروسز ۽ ايڪسپورٽرز لاءِ خودڪار استثنيٰ سرٽيفڪيٽ جاري ڪرڻ کي يقيني بڻايو ويندو ۽ آءِ ٽي شعبي کي ايس ايم ايز جو درجو ڏنو پيو وڃي جنهن سان انڪم ٽيڪس جي شرحن ۾ شعبي کي فائدو ٿيندو.هن چيو تہ اسلام آباد جي حدن اندر آءِ ٽي سروسز تي سيلز ٽيڪس جي موجوده شرح کي 15 سيڪڙو مان گهٽائي 5 سيڪڙو ڪيو پيو وڃي. ان کان علاوه آءِ ٽي شعبي ۾ قرضن جي فراهمي کي هٿي وٺرائڻ لاءِ بينڪن کي 50 هزار آءِ ٽي گريجوئيٽ بہ ڏنا ويندا. ايندڙ مالي سال ۾ فني تربيت ڏني ويندي. ناڻي واري وزير چيو تہ هلندڙ مالي سال ۾ زرعي قرضن جي حد 1800 ارب مان وڌائي 2250 ارب رپيا ڪئي وئي آهي. بجلي ۽ ڊيزل جا بل هاري جي سڀ کان وڏي خرچن ۾ شامل آهن. ان ڪري ايندڙ مالي سال ۾ 50 هزار زرعي ٽيوب ويلن کي سولر پاور تي تبديل ڪرڻ لاءِ 30 ارب رپيا مختص ڪيا ويا آهن.هن چيو تہ معياري ٻج سٺي فصل جو بنياد آهن ۽ ملڪ ۾ معياري ٻج جي استعمال کي فروغ ڏيڻ لاءِ انهن جي درآمد تي لڳل سمورا ٽيڪس ۽ ڊيوٽيون ختم ڪيون پيون وڃن. ناڻي واري وزير چيو تہ چانورن جي پيداوار وڌائڻ لاءِ رائس پلانٽرز، سيڊرز ۽ ڊرائيندڙن کي بہ ڊيوٽي ۽ ٽيڪس کان ڇوٽ ڏيڻ جي تجويز آهي بجيٽ دستاويز موجب وفاقي حڪومت ڪراچي ۾ پيئڻ جي پاڻي جي

فراهمي کي بهتر بڻائڻ لاءِ کي فور گريٽر واٽر سپلاءِ اسڪيم لاءِ بہ رقم مختص ڪئي آهي. بجيٽ دستاويز ۾ چيو ويو آهي تہ کي فور گريٽر واٽر سپلاءِ اسڪيم لاءِ 17 ارب 50 ڪروڙ رپيا ڏنا ويندا. ناڻي واري وزير چيو تہ پاڪستان پنهنجي توانائي جي ضرورتن لاءِ درآمدات تي انحصار ڪري ٿو انهن درآمدات جي قيمتن ۾ اضافو مهانگائي جو وڏو سبب آهي. ان لاڳت کي گهٽائڻ لاءِ، اسان جي حڪومت پاڪستاني ڪوئلي ۽ شمسي توانائي جي استعمال کي فروغ ڏيڻ لاءِ پرعزم آهي.هن چيو تہ ان سلسلي ۾ ڪوئلي تي هلندڙ پاور پلانٽس کي مقامي ڪوئلي جي استعمال لاءِ همٿايو پيو وڃي. سولر پينلز انورٽرز ۽ بيٽري جي خام مال تي ڇوٽ ڏني پئي وڃي. وفاقي حڪومت 50 هزار کان وڌيڪ رقم تڪرندڙ نان فائلرز تي ٽيڪس جي شرح وڌائي ڇڏي آهي. ايندڙ مالي سال 24_2023ع جي بجيٽ ۾ 50 هزار کان وڌيڪ رقم تڪرندڙ نان فائلرز تي ٽيڪس جي شرح ۾ اضافو ڪيو ويو آهي. بجيٽ دستاويز ۾ چيو ويو آهي تہ 50 هزار رپين کان وڌيڪ رقم ڪڍڻ تي 0.6 سيڪڙو ٽيڪس لڳايو پيو وڃي تہ جيئن نان فائلرز طرفان بئنڪن مان تڪرندڙ رقم کي دستاويز ڪرڻ ۽ ٽرانزيڪشن جي قيمتن ۾ اضافو ڪيو وڃي. قومي اسيمبلي ۾ بجيٽ تجويز پيش ڪندي ناڻي واري وزير سينيٽر اسحاق ڊار چيو تہ تعليم صوبائي ذميواري آهي پر ان جي بهتري ۾ وفاقي حڪومت پنهنجو ڀرپور حصو ڏئي. ان حوالي سان هيٺيان قدم کنيا پيا وڃن هائير ايجوڪيشن ڪميشن (HEC)لاءِ موجوده خرچن لاءِ 65 ارب رپيا ۽ ترقياتي خرچن لاءِ 70 ارب رپيا رکيا ويا آهن تعليم جي شعبي ۾ مالي مدد لاءِ پاڪستان اينڊومينٽ فنڊ (پاڪستان اندومينٽ فنڊ) قائم ڪيو پيو وڃي. جنهن لاءِ بجيٽ ۾ 5 ارب رپيا رکيا پيا وڃن. هي فنڊ هاءِ اسڪول ۽ ڪاليج جي شاگردن کي ميرٽ جي بنياد تي اسڪالرشپس فراهم ڪندا. ان فنڊ جي قيام جو مقصد آهي تہ جيئن ڪو بہ باصلاحيت شاگرد وسيلن جي کوٽ سبب اعليٰ تعليم کان محروم نہ رهي.ليپ ٽاپ اسڪيم کي جاري رکڻ لاءِ ايندڙ مالي سال ۾ 10 ارب رپيا رکيا ويا آهن.رانديون تعليم جو لازمي حصو آهن. بجيٽ ۾ اسڪول، ڪاليج ۽ پروفيشنل اسپورٽس جي ترقي لاءِ 5 ارب رپيا رکيا ويا آهن. وفاقي حڪومت بجيٽ ۾ عام جوندن لاءِ رقم مختص ڪئي آهي. دستاويز موجب عام جوندن لاءِ 48 ارب رپيا مختص ڪيا ويا آهن بجيٽ ۾ ٽيٽرا پيڪ کير، پيڪٽ يوگرٽ، ڪنڊ مکڻ ۽ پنير وڌيڪ مهانگو ڪيو ويو آهي. ان کان علاوه مڇيءَ جي ٽين پيڪن، ڪڪڙ جو گوشت ۽ آنڊن جا پيڪيٽ بہ وڌي ويندا. ڇو تہ انهن شين تي 18 سيڪڙو جنرل سيلز ٽيڪس (GSTT)لڳايو ويو آهي.ان کان علاوه برانڊڊ ڪپڙا بہ مهانگا هوندا. جن تي جي ايس ٽي 12 سيڪڙو کان وڌائي 15 سيڪڙو ڪئي وئي. ڪافي هائوس، دڪان ۽ ڪاڌي پيتي جي دڪانن تي ڊيبٽ ۽ ڪريڊٽ ڪارڊ جي ادائيگي تي 5 سيڪڙو ٽيڪس لاڳو ڪيو ويندو. پوائنٽ آف سيل (POS)تي جمڙي ۽ ٽيڪسٽائيل شين جي وڪرو تي سيلز ٽيڪس جي شرح 12 سيڪڙو مان وڌائي 15 سيڪڙو ڪرڻ جي تجويز ڏني وئي آهي.ان سان گڏ جڙي ٻوٽين ۽ يوناني دوائن جي قيمتن ۾ گهٽتائي جو امڪان آهي ناڻي واري وزير چيو تہ ٽيلي ڪام سروسز تي فيڊرل ايڪسائيز ڊيوٽي 19.05 سيڪڙو جي شرح سان لاڳو آهي جنهن کي گهٽائي 16 سيڪڙو ڪرڻ جي تجويز آهي. بجيٽ ۾ فيڊرل ايڪسائيز ڊيوٽي جي شرح ۾ 3.5 سيڪڙو گهٽتائي جي تجويز ڏني وئي آهي. وفاقي حڪومت ايندڙ مالي سال 24_2023 جي بجيٽ ۾ ايشيا ۾ ٺهيل 1300 سي سي کان وڏي پراڻي ۽ استعمال ٿيل گاڏين جي درآمد تي ڊيوٽي ۽ ٽيڪس جي حد ختم ڪري ڇڏي. ناڻي واري وزير چيو تہ ايشيا ۾ ٺهيل 1800 سي سي تائين پراڻين ۽ استعمال ٿيل گاڏين جي درآمد تي ڊيوٽي ۽ ٽيڪس 2005ع ۾ ختم ڪيا ويا هئا. هاڻي 1300 سي سي کان مٿي گاڏين تي ڊيوٽي ۽ ٽيڪس جي حد ختم ڪئي پئي وڃي.ڊيوٽيون ۽ ٽيڪسن جي حد بندي ڪانپوءِ گاڏيون مهانگيون ٿيڻ جو امڪان آهي.

بقايا *** 06

اجازت نہ ڏني رهي آهي. عدالت مان آزاد ٿيڻ بعد پوليس کيس ڪنهن ٻئي ڪيس ۾ گرفتار ڪرڻ چاهي ٿي هن چيو تہ 9 مئي جي واقعن ۾ ملوث عنصرن خلاف ڪارروائي ٿيڻ گهرجي.

بقايا *** 07

وئي، 436 ماڻهن خلاف ائين آرڊر جاري ڪرڻ انصاف جي خلاف هوندو.جماعت اسلامي جي وڪيل پاران پاناما ڪيس ۾ 436

پاڪستانين خلاف جاچ لاءِ جوڊيشل ڪميشن جوڙڻ جي استدعا ڪئي وئي آهي.جسٽس سردار طارق رمارڪس ۾ چيو تہ توهان کي 7 سالن ڪانپوءِ ياد آيو آهي تہ هي عوامي مفاد جو معاملو آهي. ان وقت ڇا رڳو هڪ ئي خاندان جي خلاف پاناما ڪيس هلائڻ هو؟ اُن وقت سيني خلاف گڏائي ڪيس ٻڌڻ لاءِ ڇو نہ چيو ويو؟هن چيو تہ جماعت اسلامي 7 سالن دوران ڪنهن اداري آڏو شڪايت ڇو نہ ڪئي؟ سمورا ڪم هاڻي سپريم ڪورٽ ئي ڪري؟ 436 ماڻهن کي نوٽيس ڏيڻ ڪانسواءِ هنن خلاف ڪارروائي جو حڪم ڪيئن ڏيون؟ انهن 436 ماڻهن ۾ ڪاروباري ماڻهو بہ هوندا، ڇا توهان انهن کي پڇائڻ چاهيو ٿا؟جسٽس سردار طارق چيو تہ هن معاملي تي عدالت جو ڪلهو استعمال نہ ڪيو. عدالت پاران مهيني لاءِ ٻڌڻي ملتوي، پاناما ڪيس ۾ 436 پاڪستانين مان رڳو نوازشريف، سندس ڌيءَ مريم نواز ۽ ناٺي صفدر اعوان جي نااهلي ٿي هئي

بقايا *** 08

.ذريعن موجب رياست مخالف سرگرمين ۾ ملوث 500 کان وڌيڪ اوورسيز پاڪستانين جي نشاندهي ڪئي وئي آهي.ذريعن موجب اوورسيز پاڪستانين جي ڪال رڪارڊ، سوشل ميڊيا سرگرمي، سفري تاريخ، مالياتي ٽرانزيڪشن، اميگريشن اسٽيٽس ۽ ٻين لاڳاپيل ڊيٽا جو تجزيو ڪيو ويو آهي.ذريعن جو اهو بہ چوڻ آهي تہ جوابدارن جي بازيابي لاءِ رابطو ڪيو ويندو ۽ جوابدارن خلاف ڪارروائي ڪئي ويندي.

بقايا *** 09

آباد ۾ تقريب کي خطاب ڪندي احسن اقبال چيو تہ ڊيجيٽلائيزيشن زندگي جي هر شعبي تي اثرانداز ٿي رهي آهي، سندس چوڻ هو تہ ڊيجيٽلائيزيشن سبب هر شعبي ۾ تيزي سان تبديليون رونما ٿي رهيون آهن، ترقي لاءِ تعليمي نظام کي جديد بڻائڻو پوندو.وفاقي وزير احسن اقبال چيو تہ قومن جو مستقبل جدت ۽ ٽيڪنالاجي جي استعمال تي آهي، هر ٻار کي پنهنجي صلاحيتن جو اظهار ڪرڻ لاءِ هڪ جهڙا موقعا فراهم ڪرڻ گهرجن.

بقايا *** 10

ڪجهہ دير هال ۾ پنڻين سيٽ تي مٿو جهڪائي ويٺو رهيو.اهو معاملو سوشل ميڊيا تي ٽاپ ٽرينڊ رهيو.واضح رهي تہ سينيئر سياستدان جهانگير ترين نئين سياسي پارٽي استحڪام پاڪستان پارٽي ٺاهڻ جو باضابطا اعلان ڪري ڇڏيو آهي هوڏانهن جهانگير ترين گروپ جي اڳواڻ ۽ وزيراعظم جي خاص معاون عون چوڌري چيو تہ مون جهرو لڪائيندي ڪنهن اڳواڻ کي نہ ڏٺو، فواد چوڌري جلد سامهون ايندو ۽ پنهنجي وضاحت پيش ڪندو.

بقايا *** 11

گفتگو ڪندي مريم اورنگزيب چيو تہ عوام ڏسندو معاشي وزن ڇا هوندو آهي. گذريل 4 سال هڪ بدحالي جو سفر هو. اهو سفر ڪم ۽ ترقي ۾ تبديل ٿي ويو هن چيو تہ هڪ فتني ملڪي معيشت تي حملي جي ڪوشش ڪئي، هاڻ سڌي ڏگ تي هلي رهيا آهيون. بجيٽ ۾ سرڪاري ملازمن لاءِ خوشخبري آهي. زراعت، بزنس ۽ نوجوانن لاءِ وڏو رليف پيڪيج عوام ڏسندو سندس چوڻ هو تہ چئن سالن جي نااهلي، نالائقي، چوري، ڪرپشن ۽ معيشت جي تباهي سان مايوسي پکڙي، 2013 ۾ جيئن معيشت کي سڌي رستي تي آندو هو اڄ بہ اها ئي ڪوشش ڪري رهيا آهيون

بقايا *** 12

حريم شاهہ هڪ ٻئي سياستدان کي بي نقاب ڪرڻ جو اشارو ڏئي ڇڏيو آهي.حريم شاهہ فياض الحسن چوهان کي وڏو سرپرائز ڏنو حريم شاهہ گذريل ڏينهن فياض الحسن چوهان کي بي نقاب ڪيو هو ۽ کيس خبردار بہ ڪيو هو تہ هو ڪٿي بہ پنهنجو نالو نہ ٻڌائي تہ سندس موبائل فون ۾ سمورو ڊيٽا موجود آهي جيڪو پوءِ عوام آڏو آڻيندي. هاڻ حريم شاهہ هڪ شخص سان گڏ پنهنجون 3 تصويرون جاري ڪيون آهن جن ۾ ان شخص جو چهرو ايموجيز سان لڪايو ويو آهي ۽ سوال اهو آهي تہ اهو لوٽو ڪير آهي؟حريم شاهہ جي 'لوٽي' مان مراد انهن اڳواڻن ڏانهن آهي، جيڪي پي ٽي آءِ کان ڌار ٿي ويا. ان ٽوئيٽ تي صارفين جو وڏو انگ پنهنجا اندازا لڳائڻ ۾ مصروف آهي. ڪو چئي رهيو آهي تہ اهو فواد چوڌري آهي تہ ڪنهن ان ڪيس ۾ علي زيدي جو نالو ورتو.حريم شاهہ جي ٽوئيٽ جي جواب ۾ هڪ صارف لکيو تہ حريم شاهہ هڪ هڪ ڪري انهن سمورن بزدلن جي حقيقت عوام آڏو آڻي رهي آهي. وزر طاهر ملڪ لکيو تہ حريم شاهہ جي وڊيو/فوٽو ليڪ ٿيڻ تي بن قسمن جا ماڻهو پريشان آهن. هڪ وڊيو ۾ نظر ايندڙ ماڻهو بيوپاري. پي ٽي آءِ وارن کي

خوش رهڻ گهرجي، جيڪڏهن هو خوش نٿا ٿيڻ چاهين تہ پوءِ حريم تي تنقيد ڪرڻ بدران غير جانبدار رهن ان ڪانپاڪستان جي مشهور ٽڪ ٽوڪر ۽ اداڪارا حريم شاهہ پاڪستان تحريڪ انصاف کي ڇڏي اڳوڻي صوبائي وزير فياض الحسن چوهاڻ تي تنقيد ڪئي آهي. ٽڪ ٽاڪ اسٽار سوشل ميڊيا پليٽ فارم تي هڪ پيغام جاري ڪيو جنهن ۾ فياض الحسن چوهاڻ کي ويڊيوز وائرل ڪرڻ جي ڌمڪي ڏني وئي، ريڊيو بيان ۾ هن فياض الحسن چوهاڻ کي تنقيد جو نشانو بڻائيندي چيو تہ سندس اصل سڃاڻپ هميشہ لڪائي رهي آهي پر هو تمام گندو ماڻهو آهي.

بقايا *** 13

تي ڏيان ڏنو آهي، جيئن ٻين شعبن ۾ مسئلا آهن. تيئن دفاعي بجيٽ ۾ بہ مسئلا آهن هن چيو تہ معاشي هدف حاصل نہ ڪرڻ جو مطلب حڪومت جي ناڪامي ناهي، اسان سياست کي قربان ڪري رياست کي بچايو آهي ۽ معاشي بدحالي کي منهن ۾ ڦٽندي ڇڏيو آهي.هن چيو تہ جهانگير ترين جي پارٽي مان ن ليگ کي ڪو بہ خطرو ناهي. سيٽ ايڊجسٽمينٽ سنڌن ئي ٿي سگهي ٿي. ٻجاءِ واري وزير چيو تہ عام چونڊون وقت تي ٿينديون.

بقايا *** 14

بزنس ويزا هوندي جنهن کي آن لائين حاصل ڪري سگهبو سعودي عرب جي پرڏيهي وزارت چيو آهي تہ بزنس ويزا جاري ڪرڻ جو مقصد سيڙپڪارن کي سعودي عرب ۾ سيڙپڪاري جي امڪانن کان واقف ڪرڻ جو موقعو فراهم ڪرڻ آهي.انويسٽر وزٽر ويزا سعودي پرڏيهي وزارت جي نيشنل ويزا پورٽل جي ذريعي جاري ڪرائي سگهبي، جيڪي سيڙپڪار بزنس ويزا حاصل ڪرڻ چاهين ٿا انهن کي پرڏيهي آفيس جي گڏيل نيشنل ويزا پورٽل تي آن لائين درخواست ڏيڻي پوندي ٻي مرحلي ۾ درخواست تي ڪارروائي ٿيندي ۽ فوري طور تي ويزا جاري ڪئي ويندي. انويسٽر کي بزنس ويزا اي ميل تي موصول ٿيندي. ٻهرين مرحلي ۾ ان جو دائرو محدود هوندو جڏهن تہ مخصوص ملڪن جا سيڙپڪار ئي اها سهولت حاصل ڪري سگهندا. ٻئي مرحلي ۾ بزنس ويزا ٻين ملڪن جي سيڙپڪارن لاءِ بہ جاري ڪئي ويندي.

بقايا *** 15

ڳالهائيندي ٻڌايو تہ زهريٰ سان دوستي هئي، هن کي ويران هنڌ تي وٺي وڃي جنسي حوس جو نشانو بڻايو.جوابدار ٻڌايو تہ محمد بروهي ڪڏي حرڪت ڪندي ڏسي ورتو ۽ هن بہ نينگري سان زيادتي ڪئي جنهن بعد نينگري کي گهٽا ڏئي قتل ڪري ڇڏيوهن ٻڌايو تہ مان ۽ زهريٰ هڪٻئي کي پسند ڪندا هياسين ۽ شادي بہ ڪرڻ ٿي چاهي پر هي واقعو پيش اچي ويوهوڏانهن پوليس زهريٰ قتل ڪيس جي جوابدار کي عدالت ۾ پيش ڪري رمانڊ حاصل ڪيو آهي

بقايا *** 16

۾ رکيل قديم ڪتابن، اخبارن ۽ رسالن جو جائزو ورتو. نمائش کي ساراهيو ۽ بهترين نمائش تي وڏي وزير جي آرڪيالوجي بابت خاص مددگار طارق حسن کي مبارڪون ڏنيون. اُن موقعي تي ڳالهائيندي شرجيل انعام ميمڻ جو چوڻ هو تہ اسان جي نوجوان نسل کي اهڙن نمائشن ۾ لازمي طور تي شرڪت ڪرڻ گهرجي. نوجوان نسل کي پنهنجن وڏن جي ڪاوشن کي سمجهڻ جي ضرورت آهي. هن چيو تہ اسڪولن، ڪاليجن ۽ يونيورسٽين جي شاگردن جي شرڪت يقيني بڻائڻ لاءِ قدم کنيا وڃن. هن وڌيڪ چيو ت سنڌ حڪومت جي ڪوشش هوندي تہ نصاب ۾ آرڪيالوجي جو مضمون شامل ڪيو وڃي تہ جيئن نئين نسل کي ماضي جي بهتر آگاهي ملي سگهي.

بقايا *** 17

آمريڪي هم منصب انٽوني بلنڪن سان گڏيل پريس ڪانفرنس ۾ اهڙن خيالن جو اظهار ڪيو هن چيو تہ ڪجهہ پيا ملڪ ٻولي لڳائي رهيا آهن ۽ ظاهر آهي. اسان جي بهترين ٽيڪنالوجي سان گڏ پنهنجو پروگرام واضح ڪرڻ چاهيون ٿا ان لاءِ هڪ خاص معاهدي جي ضرورت هوندي. شهزادي فيصل بن فرحان جو چوڻ هو تہ آمريڪا سان ڪجهہ معاملن تي اسان جا اختلاف آهن. اهڙو طريقيڪار ڳولڻ تي ڪم ڪري رهيا آهيون جنهن ذريعي سويلين جوهري ٽيڪنالوجي تي گڏجي ڪم ڪري سگهون. اسان ان پروگرام تي اڳتي وڌڻ جو ارادو رکون ٿا. واضح رهي تہ سعودي عرب پاڻ وٽ موجود يورينيئم رڃاءِ ۽ پوءِ پاڻ وڪرو ڪرڻ لاءِ آمريڪي ٽيڪنالوجي جي درخواست ڪئي آهي. سعودي اختيارين جو چوڻ آهي تہ ٻي صورت ۾ هو مدد لاءِ ٻين چين، روس يا فرانس ڏانهن ڏسي سگهن ٿا.

بقايا *** 18

جي ذخيري اندوزي تي سزا ڏيڻ لاءِ قانون سازي جو فيصلو ڪيو ويو آهي، جنهن تحت پرڏيهي ڪرنسي جي ذخيري اندوزي تي قيد ۽ ڏنڊ جي سزا لاءِ قانون سازي ٿيندي، قانون پرڏيهي ڪرنسي جي ذخيري اندوزي ڪندڙ ادارن ۽ ماڻهن تي لاڳو ٿيندو.ذريعن جو چوڻ آهي تہ ملڪ ۾ پرڏيهي ڪرنسي آڻڻ جي حد وڌائڻ لاءِ بہ قانون متعارف ڪرايا پيا وڃن، جنهن تحت ٻاهرئين ملڪن مان ايندڙ هڪ سال دوران هڪ لک ڊالرن تائين آڻي سگهندا، ملڪ ۾ هڪ لک ڊالرن تائين آڻيندڙن کان آمدني جو ذريعو نہ پڇيو ويندو. واضح رهي تہ هن وقت آمدني جو ذريعو ظاهر ڪرڻ بنا 50 لک رپيا ماليت جي ڪرنسي پاڪستان آڻڻ جي اجازت آهي.

بقايا *** 19

ذريعن جو چوڻ آهي تہ ٽيڪس ڊيفالٽ ڪرڻ تي روز 200 رپيا ڏنڊ لڳائڻ ۽ ٽيڪس ريٽرن فائل نہ ڪرڻ تي وڌ کان وڌ ڏنڊ 25 سيڪڙو ڪرڻ جي تجويز ڪئي وئي آهي.

بقايا *** 20

شڪار هئڻ سبب سوهاڻا کي سيف هائوس منتقل ڪيو.پوليس اڄ سوهاڻا کي بازياب ڪرائڻ بعد وومن ٿاڻي تي سندس وارثن سان ملاقات ڪرائي. سوهاڻا والدين کي پاڪر پائي روئندي رهي سوهاڻا شرما جو گذريل ڏينهن وڊيو بيان سامهون آيو هو وڊيو بيان ۾ سوهاڻا جو چوڻ هو تہ هن مذهب متاثي پسند جو پرڻو ڪيو آهي سوهاڻا جي والد جو موقف هو تہ اغوا ڪرڻ بعد ڪانئس زبردستي وڊيو ريڪارڊ ڪرايو ويو آهي

بقايا *** 21

نوجوان ۽ ناري کي قتل ڪرڻ بعد پسٽل سڌو پوليس وٽ پيش ٿي ويو آهيپوليس لاش ڪٺائي حيدرآباد منتقل ڪيا، پوليس موجب ناري جي مڙس بنهي ڄڻن کي قتل ڪيو

بقايا *** 22

اڳوڻو صدر ٽرمپ نيويارڪ سٽي ۾ ڪرمنل ڪيس کي منهن ڏئي رهيو آهي

بقايا *** 23

عمر دراز، سيد امجد ۽ محمد مصطفيٰ کي مختلف ڪيسن ۾ گرفتار ڪيو ويو آهي، پوليس جو وڌيڪ چوڻ آهي تہ فردوس شميم نقوي اين آءِ سي وي ڊي سکر ۾ علاج هيٺ آهي.جنهن بعد عدالت سنڌ حڪومت کي حڪم ڏنو تہ گرفتار ٿيل چونڊيل نمائندن کي باحفاظت سٽي ڪائونسل تائين پهچايو وڃي.

بقايا *** 24

تي نظر رکي پئي وڃي عوام جي جان ۽ مال جو تحفظ حڪومت سنڌ جي اولين ترجيح آهي برسات سان ٿيڻ واري امڪاني نقصانن کان بچاءِ ۽ برساتي پاڻي جي نيڪال لاءِ سمورن لاڳاپيل اسٽيڪ هولڊرن جو پاڻ ۾ گڏيل رابطو انتهائي ضروري آهي عوام کي فوري رليف فراهم ڪرڻ لاءِ برساتي پاڻي جي نيڪال لاءِ سمورا دستياب وسيلن ۽ افرادي قوت کي يقيني بڻايو پيو وڃي، ڊپٽي ڪمشنر ڏڪڻ غلام مرتضيٰ شيخ سمورن اسسٽنٽ ڪمشنرن کي هدايت ڏني تہ هو روزانہ جي بنياد تي برساتي نالن ۽ پمپنگ اسٽيشنن جو دورو ڪن ۽ برساتي نالن جي طرفن غيرقانوني حدخلين کي فوري طور تي ختم ڪرائين.

بقايا *** 25

ٽائپ ون جي پاڪستان نيشنل پوليو ليبارٽري تصديق ڪئي آهي ۽ اوير ضلعي ۾ سهراب ڳوٺ وٽ پوليو وائرس جي نشاندهي ٿي آهي.ترجمان ٻڌايو تہ ماحولياتي نمونا 15 مئي تي ورتا ويا هئا. جڏهن تہ ان کان اڳ سال 2022 ۾ لانڍي جي ماحولياتي نمونن ۾ وائرس جي نشاندهي ٿي هئي.

بقايا *** 26

آءِ ايس پي تحت تعليمي وظيفي ۽ واڌ ويجهہ جا پروگرام جاري آهن، هاڻي پروگرام تحت ڳورهاري عورتون بہ رجسٽريشن ڪرائي سگهن ٿيون.اسلام آباد ۾ هڪ تقريب کي خطاب ڪندي شازيہ مري چيو تہ ٻار جي پيدائش کان ڇهہ مهينن تائين بينظير واڌ ويجهہ پروگرام تحت مدد فراهم ڪئي پئي وڃي، ٻار جي ٻهرين هڪ هزار ڏينهن ۾ ٻار جي خوراڪ تي ڌيان گهربل هوندو آهي، سندس چوڻ هو تہ ٻارن جي پيدائش تي 2 هزار ۽ نينگري جي پيدائش تي 2 هزار 5 سئو مدد فراهم ڪئي پئي وڃي، وفاقي

وزير شازيہ مري چيو تہ هلندڙ بجيٽ ۾ بي آءِ ايس پي تحت جاري رٿائن لاءِ رقم ۾ اضافو ڪيو پيو وڃي.

بقايا *** 27

پنهنجو ڀرپور حصو وجهندو آهي.هن ٻڌايو تہ هائير ايجوڪيشن ڪميشن لاءِ موجوده خرچن جي مد ۾ 65 ارب ۽ ترقياتي خرچن جي مد ۾ 70 ارب رپيا رکيا ويا آهن.تعليم جي شعبي ۾ مالي مدد لاءِ پاڪستان انڊومنٽ فنڊ قائم ڪيو پيو وڃي، جنهن لاءِ بجيٽ ۾ 5 ارب رپيا رکيا پيا وڃن، اهو فنڊ ميرٽ جي بنياد تي اسڪول ۽ ڪاليج جي شاگردن کي وظيفا فراهم ڪندو، جنهن جو مقصد آ تہ ڪو بہ شاگرد وسيلا نہ هجڻ سبب تعليم کان محروم نہ رهي.ليپ ٽاپ اسڪيم، جنهن کي پنجاب صوبي ۾ وڏي ڪاميابي سان هلايو ويو هو هلندڙ مالي سال ۾ وفاقي حڪومت ضرورتمند شاگردن ۾ ليپ ٽاپ ورهايا، ان اسڪيم کي جاري رکڻ لاءِ ايندڙ مالي سال ۾ 10 ارب رپين جي رقم رکي وئي آهي.رانديون بہ تعليم جو هڪ لازمي حصو آهن. بجيٽ ۾ اسڪول، ڪاليج ۽ پروفيشنل رانديون ۾ ترقي لاءِ 5 ارب رپيا رکيا ويا آهن.

بقايا *** 28

ساڳيو رهيو تہ پاڪستان جي ساحلي پٽي لاءِ خطرو آهي. طوفان 12 ڪلاڪن ۾ اتر اوڀر طرف وڌيو آهي.موسميات کاتي موجب طوفان ڪراچي کان 1100 ڪلوميٽر اتر اڀرهہ طرف آهي. طوفان جي مرڪز ۾ 130 کان 160 ڪلوميٽر في ڪلاڪ جي رفتار سان تيز هوائون گهلي رهيون آهن موسميات کاتي جو چوڻ آهي تہ چاڙهہ سبب 25 کان 28 فوٽن تائين لهرون اٿڻ جو امڪان آهي، عام طور تي سمنڊ جي سطح تي لهرون 4 کان 5 فوٽ بلند هونديون آهن.

بقايا *** 29

نالي شخص جو گهر اندر پنهنجي زال سان جهيڙو هلي رهيو هو. ان دوران ٻن ورهين جو عبدالهادي روئڻ لڳو جنهن تي ڪاوڙ ۾ اچي اسلم ان تي تشدد شروع ڪري ڇڏيو. جنهن جي نتيجي ۾ هو ٻڌي تي فوت ٿي ويو ايس ايس پي ٻڌايو تہ اسلم ٻارجو ويڳو پيءُ آهي. جيڪو واقعي کانپوءِ فرار ٿي ويو سندس چوڻ هو تہ پاڙيسرين ۽ گهرجي مالڪ ٻڌايو تہ زال مڙس ۾ جهيڙو روز جو معمول هو جوابدار جي گرفتاري لاءِ ڇاپا هنيا پيا وڃن.

بقايا *** 30

۽ برطانوي وزيراعظم رشي سونڪ جي ملاقات ٿي جنهن ۾ روس، چين ۽ معاشي عدم استحڪام جو مقابلو ڪرڻ لاءِ خاص لاڳاپا قائم ڪرڻ تي اتفاق ڪيو ويو رپورٽن موجب بائيڊن ڪانگريس سان برطانيا کي دفاعي خريداري لاءِ ڊوميسٽڪ سورس جي طور تي نامزد ڪرڻ لاءِ ڳالهين تي بہ راضپو ظاهر ڪيو گڏيل پريس ڪانفرنس ۾ رشي سونڪ چيو تہ چين ۽ روس جهڙا ملڪ دانشورانہ ملڪيتن جو استحصال يا چوري، آمرانہ مقصدن لاءِ ٽيڪنالوجي جو استعمال يا توانائي جهڙا اهم وسيلا واپس وٺڻ لاءِ تيار آهيون. اهي ڪامياب نہ ٿيندا بائيڊن پريس ڪانفرنس دوران غلطي سان برطانوي وزيراعظم کي صدر چئي ويو

بقايا *** 31

هو ٻئي ڄڻا گذريل 3 سالن کان گيتا آڪاش نالي بلڊنگ ۾ گڏ رهندا هئا.ڀارتي ميڊيا موجب پوليس پنهنجي بيان ۾ ٻڌايو تہ جوابدار مقتولا سان جهيڙي کان پوءِ وڻ وڍيندڙ آري سان عورت جي جسم جا ٽڪرا ڪري ڇڏيا. بعد ۾ انهن کي پريشر ڪڪر ۾ بجائي پلاسٽڪ جي بيگز ۾ ڀري ڇڏيا تہ جيئن انهن کي نڪائي لڳائي سگهجي پر پوليس وقت تي پهچي لاش جي باقيات کي تحويل ۾ وٺي ڇڏيو ۽ منوج کي گرفتار ڪري ورتو.ڀارتي ميڊيا رپورٽ ۾ وڌيڪ ٻڌايو ويو آهي تہ قتل ڪيس ۾ نئين اڳيرائي تحت پوليس جوابدار جي فليٽ مان مڪسر گرينڊر بہ هٿ ڪيو آهي جنهن بابت پوليس جو چوڻ هو تہ منوج سرسوتي واديا کي قتل ڪرڻ کان پوءِ سندس جسماني عضون کي نڪائي لڳائڻ لاءِ مڪسر گرينڊر جو استعمال بہ ڪيو جوابدار انهن کي نڪائي لڳائڻ لاءِ نيري رنگ جي پلاسٽڪ جي ٿيلهين ۾ ڀري ڇڏيو هو جن کي پوليس پنهنجي تحويل ۾ وٺي ڇڏيو آهي.

بقايا سنڌيار 01

چام احسان جوکيو چيو ته ڪتاب انسان جي تئين اک آهي اهڙا ڪتابي ميلا لڳڻ سان نوجوانن ۾ ڪتاب پڙهڻ جو شعور وڌندو آهي ساٿين احسن جوکيو هڪ بهترين انسان هو استاد هئڻ سان گڏو گڏ هو هڪ سلو ليکڪ هو اڄ ان جي ياد ۾ جيڪو ڪتابي ميلو لڳايو ويو آهي تمام سٺي ڳالهه آهي اهڙين عملي ادبي شخصيتن کي ياد ڪرڻ سان نوجوانن کي خبر پوي ٿي ته اسانجي علائقي ۾ ڪهڙيون اهم شخصيتون هيون جن علمي ادبي خدمتون ڪيون. ان موقعي تي سائين احسن جوکيو جو فرزند ۽ ايم ايس رورل هيلٿ سينٽر گهارو ڊاڪٽر حليم جوکيو، گهارو پريس ڪلب جو صدر مختيار لاشاري، پريس ڪلب گهارو جو صدر دائم شاهه چام گروپ جي گلزار جوکيو، سلطان ملاح وحيد جوکيو، صحافي، ذوالفقار خاصخيلي، مقصود جوکيو، آصف جوکيو، وحيد سومرو ۽ ٻيا موجود هئا.

بقايا سنڌيار 02

ڪوشش باوجود هو فوت ٿي ويو. سندس موت جو ڪارڻ معلوم ٿي ناهي سگهيو، سندس لاش جنگشاهي لڳ اباڻي ڳوٺ گهر پهچڻ تي گهر ۾ ڪهرام مچي ويو.

بقايا سنڌيار 03

جي ڳوٺ هوت خان رند جي رهواسي ٻڍل خان رند جو پنهنجي گهرڀاتين سميت بااثر خلاف رتوديرو نيشنل پريس ڪلب اڳيان احتجاج، غلام سرور پٽ غلام حسين رند کان 21 ايڪڙ زرعي زمين 2 ڪروڙ 58 لک ۾ خريد ڪئي هئي، هاڻ هو پئسا وٺڻ بعد زمين تي قبضو ڪري موت مار ڌمڪيون ڏئي رهيو آهي، مونکي يا منهنجي گهرڀاتين کي ڪجهه به ٿيو ته ان جو ذميوار غلام سرور ۽ سندس ساٿارين کي سمجهيو وڃي. ٻڍل خان رند رپورٽ موجب رتوديرو پرسان ڳوٺ هوت خان رند جي رهائشي حال ويٺل پي ٽي سي ايل آفيس لڳ ٻڍل خان رند پنهنجي گهر ڀاتين ذوالفقار علي رند، آصف علي، نصرالله، علي حيدر، ايان علي رند سان گڏ رتوديرو نيشنل پريس ڪلب اڳيان احتجاج بعد پريس ڪانفرنس ڪندي چيو ته غلام سرور پٽ غلام حسين رند اسان جي ڳوٺ هوت خان جو رهواسي آهي ان کان اسان زرعي زمين سروي نمبر 203 _ 9 ايڪڙ 26 گهنٽا، سروي نمبر 213 _ 2 ايڪڙ 3 گهنٽا، سروي نمبر 344 _ 3 ايڪڙ 8 گهنٽا، سروي نمبر 229 _ 9 ايڪڙ 28 گهنٽا ٽوٽل ايراضي 21 ايڪڙ 21 گهنٽا وڪرو ڪري مونکي ٽوٽل رقم 2 ڪروڙ 58 لک ۾ وڪرو ڪري ڏئي ايگريمينٽ ڪئي جيڪا اسان وٽ موجود آهي، جنهن ۾ 2 ڪروڙ روپيا ڪيس مليل اٿس باقي رهيل 58 لک روپيا وٺڻ کان انڪار ڪندي زرعي زمين تي قبضو ڪري ڇڏيو هن وقت هو چئي رهيو آهي ته اوريجنل ايگريمينٽ جي ڪاپي ڏيو نه ته توهان کي نقصان رسائينداس ان سان گڏ علائقي جا ڪجهه ماڻهون گڏ آهن. هن چيو ته اسان ڪيترن ئي علائقي جي معززن وٽ وياسين جتي هو فيصلو نٿو ڪري، اسان سول ۾ ڪيس وڌو آهي پوءِ ڪورٽ ۾ هلي جيڪو غلط ۽ سچو ثابت ٿئي، اسان غريب مسڪين آهيون هو بااثر آ اسان مٿان بي بنياد الزام تراشي ٿو ڪري، هن آئي جي سنڌ، ڊي آئي جي لاڙڪاڻو ايس ايس پي لاڙڪاڻي کان مطالبو ڪيو ته بااثر غلام سرور رند جي ظلم زيادتي جو نوٽيس وٺي اسان کي پنهنجو جائز حق ۽ انصاف ڏياريو وڃي.

بقايا سنڌيار 04

جنسي ڌاڌلي جو نوٽس وٺڻ ڪانپوءِ ڪيس داخل ڪيو ويو هو جنهن ڪانپوءِ جهمپير ٿاڻي تي چوڪيءَ جي ٻيءَ غلام حيدر ماڇي جي فرياد تي حسن آٿو جي فرياد تي ڪيس داخل ڪري جوابدار حسن آٿر کي گرفتار ڪري ورتو ايس ايڇ او جهمپير پاران نينگري کي علاج لاءِ سول اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي، جتي ميڊيڪل ڪرائڻ بعد سچي حقيقت سامهون ايندي.

بقايا سنڌيار 05

جاري تفصيل موجب بلڙي ايس ايڇ او ارباب الله رسايو پنهنجو پوليس اسٽاپ سان ڪري "منشيات فروشن" جو گهيرو تنگ ڪندي منشيات فروش حضور بخش سليو کي سگ سوڌو گرفتار ڪري ڪائنس به سو مين پڙيون رڪور ڪري مٿس ڪرائم نمبر 53/2023 U/s 8.sppmsgm 2019 منشيات ايڪٽ تحت ڪيس داخل ڪري جوابدار کي جيل موڪلي ڇڏيو آهي جڏهن ته ايس ايڇ او بي ايس: بلڙي شاهه ڪريم جي بلڙي ۾ هلندڙ ڪرائم سميت منشيات جي وڪري خلاف ڪاروائين کي مقامي سڄاڻ ڌرين پاران ساراهه جوڳو عمل چيو ويو آهي

بقايا سنڌيار 06

گرمي جي شدت کان بچڻ لاءِ واهن ۽ خانگي واٽر پارڪن جو رخ ڪرڻ شروع ڪري ڇڏيو آهي. ڪير ٿر ڪئنال، روهڙي ڪئنال ۽ ٻين هنڌن تي وڏي انگ ۾ ٻزرگن ۽ ٻارن جو وڏو تعداد پهچي ويو ۽ گرمي جي شدت کي گهٽائڻ لاءِ پاڻي ۾ ڪجهه وقت گذاريس ماڻهن جي رش سبب واٽر پارڪن جي مالڪن جا به جاوا ٿي پيا هڪ طرف سخت گرمي ته ٻئي پاسي سکر اليڪٽرڪ پاور سپلاءِ سيپڪو انتظاميا پاران سخت گرمي ۾ به ڳوٺائن ۽ شهري علائقن ۾ بجلي جي ڪلاڪن جا ڪلاڪ لوڊشيڊنگ جي ڪري رهواسي پريشانن کي منهن ڏيڻ تي مجبور آهن سکر واسين جي احتجاجن باوجود ڪوبه تدارڪ ناهي ٿيو جنهن شهرين جي مشڪلاتن ۾ اضافو ڪري ڇڏيو آهي.

بقايا سنڌيار 07

عوام کي ڪنهن به صورت ۾ اڪيلو نه ڇڏينداسون ليگ جو هر هڪ ڪارڪن پنهنجي قائدين جي فڪر ۽ فلسفي، پارٽي منشور تحت عوام کي درپيش مشڪلاتون حل ڪرڻ لاءِ ڏينهن رات ڪوششون ڪري رهيا آهن سکر شهر اسان جو پنهنجو شهر آهي ۽ ان جي شهرين جا مسئلا اسان جا مسئلا آهن ان جي حل لاءِ اسان هر پليٽ فارم تي آواز بلند ڪنداسين، اهڙن خيالن جو اظهار هن گذريل ڏينهن سکر جي مختلف علائقن گرم گودي، آدم شاهه ڪالوني جي دوري جي موقعي تي ڪارڪنن ۽ علائقي جي معززن سان ڳالهائڻ دوران ڪيو دوري دوران علائقي واسين انهن کي درپيش مسئلن بابت آگاهي فراهم ڪئي جنهن تي ان علائقي واسين ۽ معززن کي يقين ڏياريو ته انهن جا جائز مسئلا حل ڪرڻ لاءِ ضلعي انتظاميا کي آگاهه ڪيو ويندو ته جيئن علائقي واسين جي شڪايتن جو ازالو ٿي سگهي، دوري دوران زرائع ابلاغ جي نمائندن سان ڳالهائڻ دوران خورشيد ميراڻي جو وڌيڪ چوڻ هو ته پي ٽي آءِ قائد عمران خان پنهنجي سياسي ساک وڃائي چڪو آهي ملڪ دشمن پاليسين سبب اڄ ان جا ساٿي به ان کي ڇڏي فرار ٿي رهيا آهن انشاءَالله هاڻي پاڪستان تحريڪ انصاف جي سربراهه يوٽرن خان کي يوٽرن جو موقعو به نه ملندو هنن وڌيڪ چيو ته پي ڊي ايم حڪومت عوام کي درپيش مشڪلاتن مان نجات ڏيارڻ لاءِ ڏينهن رات ڪوششون ڪري رهي آهي عوام کي وڏ کان وڏ ريليف ڏيڻ سميت ملڪي جي ترقي، خوشحالي لاءِ ڏينهن رات ڪوشش ۾ رڌل آهيون.

بقايا سنڌيار 08

ڊائريڪٽر ڊاڪٽر غلام مصطفي سهاڳ هوندو. رابطو ڪرڻ تي غلام مصطفي سهاڳ ٻڌايو ته عورتن کي فني تعليم ۾ مهارت ڏئي روشن مستقبل ڏانهن وٺي وڃي سگهجي، اهڙين عورتن يا ڇوڪرين کي فني تعليم سان سنواري پنهنجو مستقبل روشن تابناڪ ڪري سگهجن ٿيون. ڊاڪٽر مصطفي سهاڳ جو اهو به چوڻ هو ته عورتن لاءِ قائم ٽينڊڙ هن ووڪيشنل سينٽر ۾ هڪ سال جا ڊپلوما ڪورس، ٽيلرنگ ۽ ڊريسنگ جو ڪم ڪرڻ، مشين سان پرت پرڻ، عورتن جي سينگار، ناهه لوهه ۽ بي بيوٽيفڪيشن ۾ فني تربيت ڏني ويندي، جنهن سان علائقي مان جهالت جو خاتمو ۽ روزگار جا موقعا پيدا ڪري، سماج سڌاري سگهون

بقايا سنڌيار 09

وڏي شهر سکر ۾ انتظاميه ۽ پبلڪ هيلٿ انجنئرنگ ڊويزن سکر ۽ چونڊيل عوامي نمائندن جي بي ڌياني ۽ لاپرواهي سبب شهر جي مختلف علائقن ۾ جاري ڊرينيج ۽ واٽر سپلاءِ جا منصوبا مڪمل نه ٿي سگهيا آهن. ڪيترائي سال گذرڻ باوجود شهر جي مختلف علائقن ۾ ٺهيل روڊن جي نيڪال ۽ واٽر سپلاءِ سسٽم جي درستي جي حوالي سان سرڪاري خزاني کي نقصان پهچائڻ وارو سلسلو جاري آهي، شهر جي اهم ۽ مصروف ترين روڊن سميت مختلف رهائشي علائقن ۾ ترقياتي ڪمن جي آڙ ۾ روڊ ڊاهي پٽ ڪري ملبو روڊ رستن تي اڇلايو پيو وڃي، جنهن سبب مسافر گاڏين کي آمدورفت سميت راهگيرن کي سخت پريشاني کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي، جڏهن ته ٺيڪيدار به ٺيڪا کڻڻ به ڪم کي اڌ ۾ ڇڏي هليا وڃن ٿا سکر انتظاميا جي ترقياتي ڪمن ۾ سست رفتاري تي مقامي چونڊيل نمائندن تي شهرين سخت تنقيد ڪندي چيو ته انتظاميه جي ناهلي ۽ چونڊيل نمائندن جي لاپرواهي ۽ سبب شهر تباهه ٿي رهيو آهي. نااهل ٺيڪيدارن جي ناقص ڪارڪردگي ۽ غلط منصوبابندي جي ڪري روڊن جي ٻيهر ڪوٽائي ڪري شهر جا روڊ تباهه ۽ برباد ڪيا پيا وڃن جنهن سبب قومي خزاني کي هر پيري ڪروڙين رپين جو نقصان پهچندو آهي، شهرين چيف جسٽس آف پاڪستان سميت لاڳاپيل ادارن جي اختيار ڏيڻ کي نوٽيس وٺڻ جي اپيل ڪئي آهي

بقايا سنڌيار 10

